

پيار جي پنڊ ۾
مور ساگر
پيار جي پنڊ ۾
شاعري
مور ساگر

# پيار جي پنڌ ۾

(شاعري)

## مور ساگر

پريت پبليڪيشن_ حيدرآباد
2005ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | **پيار جي پنڌ ۾** |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | مور ساگر |
| ڇاپو پهريون | : | 7 جنوري 2005ع |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ | : | پريت پبليڪيشن _ حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس |

رابعه اسڪوائر, گاڏي کاتو حيدرآباد. 03332634650

**قيمت : =/200**

# ارپنا

پيار جو هي پنڌ
ارپيم
سنڌ ڌرتي کي
جنهن جي ڪري منهنجي سُڃاڻپ سنڌي آهي.
بابا محمد رمضان ۽ امڙ فاطمه کي
جن جي لاءِ آئون مور آهيان.
وڏي ڀاءُ محمد عثمان کي
جنهن وڏي ڀاءُ جو فرض ايمانداري سان نڀايو.
۽
پيار جو هي پنڌ ارپيم
اُن پيار کي
جيڪو
ازل کان اَبد تائين
مون سان گڏ هلندو،
پيار جي پنڌ ۾

**مور ساگر**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**پيار جي پنڌ ۾**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب شاعر، ليکڪ ۽ پبلشر **مور ساگر** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي جنهن ۾ غزل، نظم ۽ وايون شامل آهن.

مور ساگر سنڌ جي انهن نوجوان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن مان آهي، جنهن پنهنجي انداز، نموني ۽ شاعري ۾ نون تشبيعن ۽ استعارن جي استعمال سان هڪ نئين سڃاڻپ ۽ الڳ مقام ٺاهيو آهي. مور ساگر آهي به مور ماڻهو، سچو کرو ۽ سنڌ دوست. سنڌ سلامت ست سان ويجهڙائپ ڪري ساڻس حيدرآباد ۾ ملاقاتون ٿينديون آهن جن ۾ ڪچهري جو موضوع سنڌي ادب ۽ شاعري ئي هوندا آهن.

هي ڪتاب پريت پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2005ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري مور ساگر جوڙيجو جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- پبلشر پاران — منظور احمد جوڻيجو
- روز آسن جا ڏيئا ٻاريون ٿا (مهاڳ) — پروفيسر عبدالله ملاح
- بندگي جا سڀ رنگ دل ۾ ئي ڏسي سگهجن ٿا — يوسف سنڌي
- شاعري پيار جو سڏ آهي — مور ساگر

- غزل
- نظم
- وائي

# پبلشر پاران

پريت پبليڪيشن جو پهريون ڪتاب ”صوفي جو ثمر“ جيڪو تصوف جي موضوع تي هو هاڻي هي ٻيو ڪتاب سنڌ جي ڀلوڙ نوجوان شاعر مور ساگر جو ”پيار جي پنڌ ۾“ ڇپائي توهان جي هٿن تائين پهچايو آهي.

مور ساگر سنڌ جي انهن نوجوان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن مان آهي، جنهن پنهنجي انداز نموني ۽ شاعري ۾ نون تشبيعن ۽ استعارن جي استعمال سان هڪ نئين سڃاڻپ ۽ الڳ مقام ناهيو آهي، سندس هي پهريون ڪتاب پريت پبليڪيشن مان ڇپجڻ تي اسان کي تمام گهڻي سرهائيءَ، خوشي ٿي رهي آهي، جو اهڙي ڀلوڙ شاعر جو ڪتاب پريت پبليڪيشن جي آڱر مان پنهنجي وِڪ وڌائي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

اميد آهي ته مور ساگر جي شاعري ڪتابي صورت ۾ توهان کي ضرور پاڻ ڏانهن متوجه ڪندي.

توهان جو پنهنجو

**منظور احمد جوڻيجو**

الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوررس

رابعه اسڪوائر حيدرآباد

## مهاڳ

# روز آسن جا ڏيئا ٻاريون ٿا

ميڪسم گورڪي جي وطن روس جي عوامي شاعر، رسول حمزه توف پنهنجي ڪتاب ”ميرا داغستان“ ۾ لکيو آهي ته اسان جي مُلڪ ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن جون سالگراهون تڏهن ملهائيندا آهن. جڏهن هو ڪو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏيندا آهن، جهن ڪارنامي جي وسيلي دُنيا سندن وجود جي چڱائي کي قبول ڪري ۽ سندس ڪارنامي ۽ ڪم جي روشني پٽن ۾ پکڙي. هو چوي ٿو ته منهنجو جنم تڏهن ٿيو جڏهن مون پهريون نظم لکيو.

سندس خيال آهي ته جيستائين مون ڪو به نظم نه لکيو هو ۽ ٻيا دُنيا جهان جا غير اهم، عام رواجي ۽ معمولي ڪم پئي ڪيا، ايستائين جڻ آئون هِن زمين تي پيدا نه ٿيو هئس.

سندس ان تصور ۽ خيال مان اِها مُراد ناهي ته هِن دُنيا ۾ پيدا ئي اُهي ٿيا آهن جيڪي شاعري ٿا ڪن. جن شاعري نه ڪئي، اُهي جڻ پيدا ئي نه ٿيا آهن. پر سندس اِن ڳالهه لکڻ مان اِها مُراد آهي ته هِن دُنيا ۾ هن زندگي جي پنڌ ۾ جيستائين ڪو به ماڻهو ڪا اهڙي وِک نٿو کڻي جنهن وِک سان ماڻهو کي اُن وِک جي تجلي، روشني ۽ مهڪ جي حوالي سان ڄاڻي، سڃاڻي جيءُ ۾ جايون نه ڏي، قبول نه ڪري، ايستائين جڻ اِهو ماڻهوءَ پيدا ئي نه ٿيو آهي.

ڄمڻ ۽ پيدا ٿيڻ ۾ فرق آهي، ڄمن روز هزارين ۽ لکين انسان ٿا پر اُنهن ڄاوَل انسانن مان پيدا ڪير ڪير ٿو ٿئي.

مور ساگر جنم ته خبر ناهي ڪڏهن ورتو پر پيدا اُن ڏينهن ٿيو جنهن

ڏينهن هِن هي پنهنجي بيقراري ۽ بي چين روح جي صدا ڪتاب ”پيار جي پنڌ ۾“ لکيو آهي. ۽ ايئن ماڻهوءَ جا سوين جنم ٿين ٿا. سوين موت ٿين ٿا. جڏهن جڏهن بہ ڪو ماڻهوءَ زندگيءَ جي دريا جي ڇولي مٿي عشق ۽ جُستجو جو ڏيئو ٻاري ٿو.

حياتيءَ جي صحرا ۾ نيم صبح جو نغمو ڳائي ٿو ۽ انساني سماج کي تبديل ڪرڻ جي خوابن کي رستن تان ڪٽي دِلين ۽ اکين ۾ رکي ٿو ۽ تخليق جو مِينهن بنجي هينئن جي واٽ تي وَسي ٿو. تہ اِهو سندس نئون جنم آهي، هن دُنيا ۾ اهڙا سوين ماڻهو آهن. جيڪي پنهنجي عملي ۽ بي علمي حُسن سان گڏ هر بهار ۾ جنم وٺن ٿا ۽ سوين اهڙا ماڻهوءَ آهن جيڪي، بي علمي ۽ بہ عملي جي واري ۾ غرق ٿي مَرن ٿا.

عظيم شاعر پنهنجي نظم سان گڏ جنم وٺندو آهي. سندس نظم سندس پنهنجي ۽ پنهنجي آس پاس جي حياتيءَ جي صورت هوندي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل وايون، غزل ۽ نظم اسانجي شاعر ساٿي مور ساگر جي پنهنجي اندر جي ۽ آسپاس جي دُنيا جي صورت گري آهي، ۽ هئڻ بہ ايئن گُهرجي تہ اسانجون تخليقون، اسانجا نغمہ، اسانجون تحريرون، اسانجي ۽ اسانجي سماجي زندگي جون صورتون هئڻ گُهرجن ترجمان هئڻ گهُرجن ۽ زبانون هئڻ گهُرجن.

ڪُجھ نظم ۽ غزل اهڙا هوندا آهن جيڪي فقط اکرن جي سٽاءُ تڪبندي جي سنگهرن ۾ بَدّل هوندا آهن. شاعر زوري زبردستي ونگارون ڪري اُهي نظم لکندا آهن. ڪجھ نظم ۽ غزل اهڙا بہ هوندا آهن. جيڪي درد جي بهار ۾ روح جي زمين مان ڦُٽندا اهن، روح جي زمين مان ڦُٽندڙ نغمہ غزل ۽ نظم خودبخود پاڻ کي لکرائيندا آهن. جيئن خودبخود لُڙڪ اکين مان ڪِري پوندا آهن. جيئن چَپَن تي مُرڪ پکڙي ويندي آهي. جيڪا شاعري نالو ڪمائڻ لاءِ، پئسو ڪمائن لاءِ، ڪو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مٿاڪُٽ ڪري ۽ محبت مزوري ڪري لکي ويندي آهي، فن جي بازار ۾ اُن شاعري کي بہ قدر جي نِگاهہ سان ڏِٺو ويندو آهي، پر دِ يار ڪان درِ مقتل تائين دِلبرين جي دَڳن تي اُن شاعري جا وڻ قطاريل هوندا آهن جيڪا شاعري ڪنهن درد،

ڪنهن بيواچپي، ڪنهن بي رُخيءَ، ڪنهن دغابازي جي چڪندڙ زخم جي ٿمندڙ رت مان جنم وٺندي آهي.

سنڌ ۾ اهڙا شاعر هئا. آهن ۽ وري بہ پيدا ٿيندا. جن اکرن جي بازيگري، تڪبندي جي هُنر سان شاعري جا نوان دريا واهي ڇڏيا. نوان باغ پوکي ڇڏيا. بازارون لڳائي ڇڏيون. سندن ديوانن مٿان ديوان آيا. سندن شاعري جي حُسن ۽ هُنر تي سوَين مشاهدا ٿيا. واهہ جون ڏماچوڪڙيون ٿيون، مقرر، مقرر، ارشاد، ارشاد جا مِينهن وٺا. مهورتون ٿيون. مذاڪرا ۽ ورڪشاپ ٿيا. پر زماني جي بهارن ۾ زندگي جي پَٽن وري اُن شاعري جون وَليون نہ ڦُٽيون.

اسانجي ساٿي مور ساگر جو هي ڪتاب ”پيار جي پنڌ ۾“ ۾ ڪافي اهڙن نظمن ۽ غزلن جي حُسن سان سينگاريل آهي. جيڪي نظم ۽ غزل هن شاعر جي روح جي سرزمين مان ڦُٽندڙ غزل ۽ نظم آهن.

عظيم ڏاهپون، عظيم تخليقون روح جي زرخيز زمين مان ڦُٽنديون آهن. انهن ڏاهپن ۽ تخليقن جي سونهن ۽ سينگار ۽ سدابهاري ڪي ڪڏهن ڪي ڪڏهن بہ موت نہ ايندو آهي. اُهي ڏاهپون، اُهي تخليقون سردرد جي مُند ۾ پهچي پوري شباب ۽ پوري سونهن سان وري وري جنم وٺنديون رهنديون آهن. زندگي جون بيشمار وسعتون ۽ گهرايون آهن. زندگي جي سمورين وسعتن، سمورين گهراين، زندگي جي سمورين ارڏائن، ادائن ۽ رُخن جي نمائندگي ڪرڻ سولي ۽ هر ڪنهن جي وَس ۽ اختيار جي ڳالهہ ناهي. ان هوندي بہ هر شاعر پنهنجي شاعري جي بازار ۾ پنهنجي تخليق جي ميلي ۾ زندگي جي سمورن رُخن جي نمائندگي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مور ساگر جي شاعري تي ”پيار جي پنڌ ۾“ مسلسل ڏَکن ۽ وِڇوڙن جي احساس جي شام وڏيڪ ڇانيل آهي ۽ اِهو ٺيڪ آهي تہ زندگي جي پلي ڪنهن بہ هڪ ادا کي پنهنجي شاعري جو مرڪز بنائجي، پر صداقت ۽ روح جي گهرائين جي مينار تي اُن رُخ تي شاعري ڪجي، ڇاڪاڻ تہ سماجي زندگي جي شهرن ۾ تبديلي ۽ سوجهري جون هيرون روح جي گهرائين مان بُلند ٿيندڙ صدائن جي سحر سان اينديون آهن. هونئن بہ زماني

ڪان گهُري ورتل روشن ترين هيرن ۽ جواهرن کان دلبرين جي دڳن تي
پنهنجي جگر جي رَت جا ڦُڙا وڌيڪ روشن ۽ حسين لڳندا آهن.

صدين جي صدا ڄڻ تي ٿا وڃون.
نيڻ توڙي جڏهن ڪٽون ٿا سڪي.

❊

دل بري ناهي اجا هي غم ڪان.
ڪيس چئو پاسو ڪري سِتم ڪان.

❊

مان نِراس ناهيان او منهنجي مٺي!
ڪو درد آ جو حدون ويو آ ٽپي!
صليب تي ساگر هئي هڪ زندگي،
هڪ زندگي تنهنجي اکين ۾ ڏِٺي.

❊

مونکي تنهنجي وارن جون ڇائون ٿيون گهُرجن،
اوهانجي اکين ۾ پناهون ٿيون گهُرجن.

❊

اکين جا اِشارا نہ سمجهي سگهيا.
الائي ڇو پيارا نہ سمجهي سگهيا.
آ لهر لهر ۾ درد 'ساگر' جو
سنڌو جا ڪِنارا نہ سمجهي سگهيا.

❊

ڪو تہ جيوَن ۾ خوشيون آڻيندو
روز آسن جا ڏيئا ٻاريون ٿا.
ڏَهون ٿهون، ٿهون ڏهون ٿا،

الائي تہ ’ساگر‘ ڪيئن جيئون ٿا.

❊

تون نيڻن سان ٿي سير واهين،
تنهنجي وارن جا ٿا ونگين روپ.
مان منصور آهيان اڙي او عشق!
پلي سوريءَ تي تنهنجا ٽنگين روپ.

❊

چنڊ لِڪي ويو جُهڙ جي هنج ۾،
جو نڪتِين نقاب کي لاهي سکي اڄ.

❊

پرين کي ڇُهن ٿيون نہ هرگز وٽن ٿيون،
خدايا! هِن چنچل هوائن کي روڪ.

❊

طوفانن سان وڙهندي وڙهندي،
ويو واري، گهر جان ڍهندي شخص.
رکيا روَين ۾ هئا لوڪ پٿر،
هو شيشي جان ويو ٽُٽندو شخص.

❊

جسم گهر ۾ نيڻ سفر ۾.
تڙپيو آهيان پهر پهر ۾.

❊

ناهيون پاڻ کي ڳولي سگهيا،
رهندا آهيون هڪ ئي شهر ۾.
اکين سان جذهن ملن ٿيون اکيون.
اکين جو قسم پو رُلن ٿيون اکيون.

❊

رهياسين دُنيا کان سدا بي خبر.
جڏهن کان پرين تنهنجي ٿياسين نظر.

❊

يا تون اچ يا يادون کڻي وڃ.
وِسارڻيان نہ وِسرين نہ ايڏو وٺي وڃ.
ڪڏهن پيي نہ هڪبئي کي ماٺي سگهون،
وِچ ۾ نہ ايڏيون وِڇوٽيون رکي وڃ.

❊

واپار ناهي موت گهرين ٿو.
پيار آ سڀ ڪجهہ لُٽائي ڇڏ.
مان ساگر آهيان تون پياس،
کُٽائي سگهين تہ کُٽائي ڇڏ.

❊

هي غزلن جا ڪُجهہ بند آهن جيڪي مور ساگر جي تخليقي حُسن جي شاهدي طور ڏجن ٿا. هنن بندن کان سواءِ هن ڪتاب ”پيار جي پنڌ ۾“ بيا بہ ڪافي نظم ۽ غزل آهن، جن کي روح جي اکين سان پڙهڻ ڪانپوءِ منهنجو خيال آهي تہ درد جي ڏاڍِن ۾ غم جهان ۽ غم جانان جا مٽيان پوئڻ جو فن ڪيس حياتيءَ سيڪاري ڇڏيو آهي. زندگي جي پنڌ ۾ پيرن جي ڦٽن مان تِمندڙ خون مان جيڪڏهن هن شاعري جي ٻنيءَ کي ريج ڏِنا، زندگي جي زخمن کي ڏاهپ جي ڪارن گلابن سان سينگاريون تہ هڪ اجا بہ وڏيڪ ميران ٻائي جي اکين ۽ قرت العين طاهره جي عشق جهڙي حياتي، ملوڪ شاعري ڪري سگهي ٿو.

مور ساگر جيئن وڏيڪ پڙهندو جيئن وڏيڪ پيار جو پنڌ ڪندو جيئن وڏيڪ زندگي جي ناسورن جو سور سهندو جيئن يتيم ٻار جي درد، بيوسي ۽ محرومي جي ڪڪرن ۾ ڍڪيل اُداس مرڪ تي وڏيڪ غور ڪندو. جيئن دربدر زندگي جي ڏڪاٽيل قافلن سان آمهون سامهون ٿيندو

تيئن سندس شاعري جي پير جي ڇير جي گهنگهروئن جا آواز زندگي جي صنم خانن ۾ وڌيڪ بُلند، اونها، تکا معنيٰ خيز ۽ سحرانگيز لڳندا.

**عبدالله ملاح**
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج بدين
29 نومبر 2004ع

# بندگي جا سپ رنگ دل ۾ ئي
# ڏسي سگهجن ٿا

اسين جنهن سوسائٽي ۾ رهون ٿا، اها ڏينهون ڏينهن، گهٽبي، سوڙهي ٿيندي، ذهني توڙي فِڪري، علمي توڙي روحاني ڏيوالپڻي جو شڪار ٿيندي پئي وڃي، اظهار جي آزادي تي انيڪ قسم جي بندشن سان گڏ، پنهنجاپ وارن رَوَيَن جو ’قال‘ بہ ٿيندو پيو وڃي. مصنوعي چهرا، مصنوعي مُرڪون، پوپان قِري پنيءَ ۾ خنجر هڻڻ، وشواس، اسهپ، ٻي جي جذبن جو قدر نہ ڪرڻ، خدمتن جي ناقدري ۽ لاتعلقي عام ڳالھ بنجندي پئي وڃي. اسٽيٽس ۽ مايا جو موھ ... طبقاتي اوچ نيچ واري ماحول ۾، ڪنهن تخليقڪار جو جيئڻ ڪيئن ٿو ٿئي، اهو ڪربَ، فقط تخليقڪار جي لکيل لفظن کي پڙهي ئي لڳائي سگهجي ٿو. ڇو تہ تخليقڪار ڪو ’واعظ‘ تہ نہ هوندو آهي، جيڪو پنهنجي اندر جي اظهار کي وڏي واڪي تقرير ڪري ڇٽي ٻُڌائي. انهيءَ صورتحال ۾ سوچڻ فِطري عمل آهي. خاص ڪري ڪنهن حساس دِل ۽ ڪومل جذبا رکندڙ شاعر لاءِ اها صورتحال ڪنهن اذيت کان گهٽ ڪونهي. مور ساگر بہ انهيءَ ڪيفيت جو شڪار ٿي نيٺ اظهار ڪري ٿو وجهي:

**سوچي سوچي زندگي جي، ساگر نہ پهتو ڪنهن دڳ تي،**
**هر طرف هٿ جوڙ ۾، هر ڪو اڳتي پيو وڃي.**

’ميٿيو آرنلڊ‘ شاعري کي ’خيال ۽ فن‘ جو اتحاد سڏيو آهي، سندس چواڻي ’اها ڳالھ ياد رکڻ گهرجي تہ عظيم فن پارن جي تخليق هردؤر ۾ ممڪن آهي‘.۽ اسان جي امداد حسيني چواڻي، ’تخليقي صلاحيتن جو جوهر تہ تڏهن ٿو کلي، جڏهن ذهني ۽ روحاني فضا سازگار هجي‘. پر صورتحال ’مرده‘ هجي، ماڻهن جا روح ئي مري ويا هجن. اتي عظيم فن پارا ڪيئن جنم وٺندا! مور ساگر بہ اهڙي صورتحال جي نشاندهي ٿو ڪري:

**مردا ماڻهن ۾ احساس پيا ڳوليون،**
**سادا يا تہ چريا لڳون ٿا.**

**خودڪشي جهڙن خيالن ۾،**
**روز جيئڻ جا جتن ڪيون ٿا.**

انسان جنهن ماحول ۾ رهي ٿو. پنهنجي شعور جي تابع رهي ٿو هو روزمره جيڪي لقاءَ ڏسي/ پسي ٿو. جيڪي هن جي آسپاس جنم وٺن ٿا. تِن جو مٿس اثر لازمي ٿئي ٿو. جيئن هن ڪتاب ۾ مور ساگر جا نظم ’هوءَ جا ماري وئي‘، ’ديس جو ڪيڏارو‘، ’جڳ سڀ ڪيل آهي اسان لئہ‘، ’ڪو مور وري ماريو ويو‘، ’تنهنجو آهي ايمان پئسو‘، ’فراموشي‘ وغيره جيڪي مور ساگر اهڙوئي مشاهدو ڪندي لکيا آهن.

**روز ٿا باغ اجڙن سنڌ جا،**
**روز ٿا لڳن راتاها.**
**هي ڪهڙو دور آهي خدايا،**
**جنهن ۾ جيئڻ جڳ تہ سزا آ.**

تخليق جو عمل ڇا آهي!؟

جواب اهو ئي ٿي سگهي ٿو. تخليق جو عمل ايئن آهي، جيئن ڪنهن آڏاڻي ۾ ’ڪوري‘ ڪپڙي جي اُڻت ڪري ٿو. يا جيئن ڪا سُگهڙ زال ڪپڙي تي سنهي سُئي سان نهايت خوبصورت پرت پري ٿي، تيئن شاعر بہ لفظ ميڙي چونڊي، اُنهن کي خيالن جي مالها ۾ پوئي، پنهنجي تخليق/ فن، ڪنهن ’شهپاري‘ جي صورت ۾ پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪري ٿو.

محترم محمد ابراهيم جويو شاهہ، سچل، سامي، جي تہ ڪتابائين، رٽا جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ”شاعر، سچا شاعر، تاريخ جا فرشتا سڏيا ويا آهن. تاريخ بني نوع انسان جي ۽ پڻ قومن جي، ۽ فرشتا انهيءَ ڪري جو هي فِڪري جذبي جي پرورش ڪن ٿا ۽ ان طرح انساني زندگي ۽ پڻ قومي زندگي کي معنيٰ ۽ معيار بخشين ٿا. سچي سچائي، سچي بُلندي، سچي املائپ، انساني تمدن ۽ قومي تهذيب جي انهي ڪان ملي ٿي، ۽ هوئي ان سڀ جا ضامن پڻ آهن“.

انهيءَ آڌار اسين پنهنجي سيبتي، سهڻي، مانيٽي ۽ مهربان شاعر دوست ’مور ساگر‘ جي شاعري جو اڀياس ڪنداسين تہ انهيءَ ۾ اسين پنهنجي وقت، حالتن، ماحول وغيره جو پرتوو پَسنداسين، مثال طور سندس

غزلن جا ڪجهه بند حاضر آهن:

عجب آ، تون ئي نہ سمجهي سگهيو آن،
ورنہ، هي چهرو تہ کُليل هو ڪتاب.

❊

آهن ديس پنهنجي تي ڏاڙيل قابض،
امن جو ڪبوتر اُدسي ٿو آچي.

❊

پيار چو ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي،
نفرتن جو زور ٿيندو ٿو وڃي.

❊

جبر تي صبر جي عادت ٿي ويئي آ،
ڪنهن کي نہ ڪجهہ چئون ٿا سگهي.

❊

ڪنهن هنڌ پڙهيو هئم، ”شعر فهمي اها ڪونهي تہ اوهين شعر ۾ اهو ڳولهيو تہ شاعر ڇا پيو چوي پر شعر فهمي اها آهي تہ اوهين اهو معلوم ڪريو تہ شعر ڇا پيو چوي، يا شعر ۾ ڇا چيو ويو آهي“ ڇو تہ شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪيترين ئي ڳالهين چوي ٿو جيڪي ڪنهن زمان ۽ مڪان جون پابند ناهن هونديون.

مور ساگر جي شاعر پڙهي مونکي ايئن محسوس ٿيو جيئن:

**ڪنهن بہ مندر ۽ نہ مسجد، ها مگر ڪنهن دِل اندر**
**مون ڏٺا هئا، اي خدايا بندگي جا رنگ سڀ.**

مذهبي صحيفن توڙي صوفي حضرات جو بہ چوڻ آهي تہ، ”خدا دِل ۾ وسي ٿو“ جيئن تہ هو ئي بندگي جي لائق آهي، تنهن ڪري صحيح معنيٰ ۾ دِل ئي عبادت جي جاءِ/گهر آهي ۽ مور ساگر چواٽي: بندگي جا سڀ رنگ دِل ۾ ئي ڏِسي سگهجن ٿا.

اهڙيون ئي پُر معنيٰ، دِلپذير ۽ دِل کي وٽندڙ سِٽون ’مور‘ جي ڪيترن ئي غزلن ۾ مِلن ٿيون:

**سونهن سودي ڪيئن سگهندين، حُسن جو ڇا ڏيندين اگهہ**
**جسم خريدي سگهين ٿو پر جذبن جو ڇا ڏيندين اگهہ**

❊

زندگي آ سگريٽ سستو ناهي، جو اڌ پيئتو اڇلائجي،
پيار آ، پهريل وڳو هي ناهي، جو روز پيو بدلائجي.

❋

گهر، مندر ۽ مسجد ۾ پيي، تنهنجي ياد رهڻ نہ ڏي جي،
مئڪدي ويجهي، خيال اچن ٿا، تون جو ناهين منهنجي پر ۾.

❋

هوءَ چانو نہ هئي، تنهنجي نظر جو دوکو هو،
پاڇن پويان ڊوڙندي، پاڻ وڃائين ٿو مور.

❋

گهر گهر مان هڪ فرد اُٿي بس،
پُٽ يا نياڻي گهُري ٿي سنڌ.

❋

مٿين خيالن/ مثالن ۽ اپياس جي روشني ۾ مور ساگر جي شعري مجموعي "پيار جي پنڌ ۾" کي مطالعي هيٺ آڻيندا سين تہ اسين اهو بنا ڪنهن هٻڪ جي چونداسين تہ "مور ساگر" اڄ جي نئين ٿهي جي شاعرن ۾ پنهنجي شعري جوهر جي ذريعي، جلد ئي اوچو شماريو ويندو.

**يوسف سنڌي**

ڏڙو 10 آڪٽوبر 2004ع

# شاعري پيار جو سڏ آهي

هن موجوده دؤر ۾ بيوسيون ۽ مجبوريون رستن تي وڏا وار کولي گهُمي رهيون آهن. ۽ هڪ هڪ ڪندي سيني ساهن کي پاڻ ڏانهن سيري طويل تنهاين جي اوڙاهه ۾ اُڇلي ڇڏين ٿيون. انهيءَ طويل تنهاين جي ور چڙهي ويل ساهن تائين سولي رستو ۽ سولو ذريعو شاعري ئي آهي.

پيار جو سڏ هجي، پيار جو پنڌ هجي يا پيار جي پُڇا هُجي شاعري ئي آهي. شاعري دِل جو موڙيل اُهو آرس آهي جيڪو ڪنوارو تن موڙي تہ ڪائنات پوري رقصان هجي. شاعري ذريعي ماڻهو ماڻهو جي دِل تائين ايترو آساني سان پُهچي وڃي ٿو جو هوئن ڪيئي زمانا وِڃائي بہ پُهچ کي پائي نہ سگهي.

عبدالواحد آريسر شاعري بابت لکي ٿو تہ: ”شاعري عربي ٻولي جو لفظ آهي جيڪو گهڻ معنائون آهي، مثال طور عربي ۾ وار کي شعر چوندا آهن، جوَ جي داڻي کي شعير چوندا آهن، سمجهہ کي شعور چوندا آهن، يعني انهن ٽنهي لفظن کي ملائي جيڪڏهن ڪو هڪڙو مفهوم ڪيون تہ اهو ٿيندو اهڙو خيال جيڪو محبوبہ جي وار وانگر سنهو ۽ جوَ جي داڻي وانگر تهہ سان ڍڪيل هجي ۽ انساني سمجهہ جو اعليٰ ترين شڪل وارو هجي“.

شاعري محبوبہ جو اچانڪ ڪيل ماڻهو بہ آهي ۽ شاعري بدي جي بي اعتبار بارش جهڙي بہ آهي، جيڪا اچانڪ وَسي ۽ دِل ڏرتي مان سلا اُپاري وجي ٿي.

شاعري رڳو لفظن جي جادوگري بہ ناهي ۽ نہ ئي شاعري جي حد رڳو محبوبہ جي مُسڪراهٽ تي اچي بيهي رهي ٿي. شاعري کي هڪڙو روپ خنجر جهڙو بہ ڏِجي جيڪو هڪڙي اهڙي ڏار رکي جيڪا ظلمت ۽ نفرت جي سيني ۾ سڌو لهي چيري ۽ ڦاڙي وِجهي، شاعري کي هڪڙو روپ ڏيئي جو بہ ڏِجي جيئن اُونداهي رات ۾ ٻري روشني جي وجود جي ضمانت ۽ علامت ٿي رهي.

شاعري جي هن ڊگهي پنڌ ۾ منهنجا پير ڪِتي پُهتا آهن، اهو مون مُڙي ناهي ڏِٺو. اهو ڏِسڻو آهي پڙهندڙن کي ۽ هڪڙو سچ اِهو بہ آهي تہ مون

شاعري جي پوري زندگي ۾ ڪڏهن بہ ڪو ڪلاڪ ويهي عربن کان آيل شاعري لاءِ ساهمي ۾ تورا ڪٽي ڪري دُڪانداري ناهي هلائي ۽ نہ ئي ڪنهن بي ڪي اِهو حق ڏِنو اٿم.

آئون ڪجهہ بہ لِکائڻ کان سواءِ دِل کولي اِهو چوان ٿو تہ مون وٽ منهنجي ڊائري ۾ جيڪي بہ شعر آيا آهن اُهي ڪنهن ڪباڙي جي ڪباڙخاني مان نہ ۽ نہ ئي ڪنهن واپري ذهن جي ساهمي تورن مان ٽُري، پر مون وٽ شعر آيا آهن. معصوم ٻارڙن جي پوپٽن ۽ پنيورين پکوياڻ اُڏرندل مُرڪن مان، محبوبہ جي آرس موڙي اُٿندڙ اکڙين مان ۽ کُليل وڏن وارن مان، سونهن تي لڳندڙ ڏاڙي مان، مون وٽ شعر آيا آهن. ڀِٽائي جي وڄندڙ تنبوري جي تنوار مان، ڪارونجهر تي اُجايل مور جي ٿهوڪن مان، مڪلي تي ڇانيل ماٺ مان ۽ ڪينجهر تي ڪڙندڙ ڪنول مان. تنهن ڪري منهنجي شاعري کي جيڪڏهن ڪو ساهمي ۾ تورا ساڻ ڪٽي ويهي پڙهندو تہ شايد ڪو فائدو نہ ٿيس، پر ڪو شاعر يا عاشق پڙهندو تہ شايد ڪا ڪم جي شيءَ ڳولي لهندو.

هِڪڙي ڳالهہ طئہ آهي تہ منهنجو شعر ڪيترو بہ خوبصورت هجي، فن، فڪر، خيال ۽ نواڻ سان هم رقاب هُجي پر پوءِ بہ جي ڪٽي اِهو شعر مون اِهو چئي ڪنهن سينيئر شاعر کي ڏيکاريو تہ شعر ۾ ڪا ڪمي تہ ناهي؟ همراه ٿورو مُنهن جو تاثر بي رُخو بنائي شعر کي شروع کان آخر تائين پڙهي پلي دِل کي وٽيس پر چوندو ٿورو اجان جهول آهيس. هڪڙو ٻيو واقعو ٻُڌايان مون هڪڙو پنهنجو غزل شيخ اياز جي نالي چئي همراه کي ٻُڌايو همراه ٻُڌي واه واه ڪرڻ لڳو ۽ شيخ اياز لاءِ ساراهہ جا ڏُڪ پرڻ لڳو واقعي ئي شيخ اياز خوبصورت شاعر هو. ان کان پوءِ شيخ اياز جو غزل مون منهنجي نالي چئي همراه کي ٻُڌايم تہ همراه جي مُنهن جا تاثر ئي ٻيا ٿي ويا چئي: ”سُٺو آحي، پر ڪِٿي ڪِٿي اجان جهول آهي، هاڻي انهيءَ ذهنيت جو لڳايو اندازو اجان بہ ڪجهہ وقت اڳي پريل پنڊال ۾ امداد حسيني چيو هو تہ اڄ جي شاعري مقام ۾ وڃي پهتي آهي، اها بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. هڪڙو ٻيو بہ واقعو ڪجهہ وقت پهرين هڪڙي ادبي تنظيم وارن طرحي مشاعرو رکرايو

جنهن ۾ سٽ هئي، ”سنڌو تي ڪو سودو نہ ڪڏهن يار ڪنداسين“ (آئون مشاعرن ۾ گهٽ ويندو آهيان پر جيئن تہ سڏ ئي سنڌ جي نالي جو هو نہ وڃان ها تہ ڪافر ٿيان ها) انهيءَ مشاعري جو ڪارڊ پهرين هڪڙي شاعر کي مليو جيڪو ڪجهہ دير کان پوءِ سهڪندو آيو ”چئي سائين ڪيڏاهن وِيو اُن کي چئو تہ ڪارڊ ورهائي نہ اِها سِٽ وزن تي پوري ناهي“، انهيءَ وقت منهنجي چهري جو رنگ ئي ڳاڙهو ٿي ويو پر همراهہ بينو ئي نہ هليو ويو. چيمر سنڌو سُڪي واري ٿي ويو آهي، اسان جا افعال اِهي آهن وتون تا سِٽن جا جهول ڪڍندا، وزن توريندا، بقول بخاري جي:

زندگي جو ثبوت ڏيو وڃيو پيو پرجي،
ضروري ناهي تہ ڳايو نچو لُڇي ڇڏيو.

سو مون بہ نہ ڳايو آهي، نہ نچيو آهيان، بس زندگي جي ثبوت طور لُڇي ڇڏيو اٿم منهنجو هي لُڇڻ ڪنهن کي ڪيترو ٿو متوجہ ڪري اِهو تاريخ تي ڇڏيون. برٽالٽ بريخت جي بہ پنهنجي سٽن ۾ هيئن ٿو چوي تہ:

`Intelligence is not to make no mistakes
But quickly to see how make then good`

(ذهانت جو مقصد اِهو نہ آهي تہ انسان چڪون ڪرڻ کان آجو هجي، پر اُن جو ڪارج اِهو آهي تہ چُڪن کي ڪيترو جلدي دُرستين ۾ تبديل ڪيو وڃي.)

پيار جي پنڌ ۾:

**سامهون صليب هجي يا پل وڇايل واٽ تي ڪنڊا،**
**ڪڏهن واپس وريا ناهيون، سدائين پيار جي پنڌ ۾.**
(مور ساگر)

يا

**ڪڏهن گُل جيئن ٽِڙي ڪاتي، ڪڏهن رَت جيئن وهي ڪاتي،**
**رهيا هر پَل اسين آهيون چُمي ٿي ڪات جي وچ ۾.**
(ايوب کوسو)

جيون سفر ۾:

**پيٽ مونکي خريدي رکيو پاڻ وٽ.**
**مان اگهامي سگهيس کين کي چاڻ وٽ.**
**گيت منهنجون پُڇائون کندا پي رهيا،**
**آئون بيٺو ريس دِل جي چِڪتاڻ وٽ.**

(وسيم سومرو)

آئون ٿورائتو آهيان پنهنجي بيحد پياري ۽ مُخلص دوست خالد جو جيڪو مونکي مُسلسل لِکڻ لاءِ زور پريندو رهيو تہ ماڻهن کان موٽ مِلڻ جو سوچ ئي نہ بس لکندو رهہ. تنهنجو ڪِردار پاڻهي تاريخ طئہ ڪندي. ان کان اڳتي ادا منظور جا احسان آهن جنهن مون کي هر اُن ڏکيئي موڙ ۾ ساٿ ڏئي زندگي جو هٿ جهلرايو آهي جنهن موڙ ۾ اڪثر زندگي هٿن مان ڪِري پيرن ۾ پئي، ٽُٽي ۽ مِٽيءَ سان مِلي مٽيءَ ٿي وڃي ٿي.

آخر ۾ ٿورائتو آهيان پروفيسر سائين عبدالله ملاح، يوسف سنڌي، امر انصاري، مصطفيٰ جمالي، ذوالفقار خاصخيلي، ابن ڪلهوڙي ۽ سرواڻ سنڌي جهڙن سيني دِل گُهرين دوستن جو جن منهنجي ڪتاب تي ڪُجهہ لفظ لکي رنگ پريا ۽ ٿورائتو آهيان پريت پبليڪيشن جي مالڪ ادا منظور احمد جوڻيجو جو جنهن هِن ڪتاب کي ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پُهچايو.

شاعري جو سونهن ”پيار جي پنڌ ۾“ پِٺون پير ڪٽي ۽ ڏکهي راتين ۾ اوجاڳيل اکين سان سچل جو هي سچ چوان ٿو:

**مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.**

**مور ساگر**

27 ڊسمبر 2004ع، حيدرآباد

وقت سوا ٻہ

وِڇائي نيڻ ويٺا آهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.
پرين ٿا ايئن توکي چاهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

# غزل

پٿرن جي جهان ۾ رهون ٿا.
شِيشَي جهڙا خواب ڏِسون ٿا.

مُردا ماڻهن ۾ احساس پيا ڳوليون،
سادا يا تہ چريا لڳون ٿا.

ارمان، آدرش سيئي صليب تي،
ٽُنَل پروَسا ڪٽي هلون ٿا.

پيٽ خاطر ڪيئي گُناهہ ڪيون ٿا،
جنت جي پوءِ بہ آس رکون ٿا.

خودڪشي جهڙن خيالن ۾،
روز جيئڻ جا جتن ڪيون ٿا.

ڪُنوارَي قدمن لاءِ هر پل،
دُوار دِل جا کُليل ڇڏيون ٿا.

ڪو تہ جيوَن ۾ خوشيون آڻيندو،
روز آسُن جا ڏِيئا باريون ٿا.

ڏَهون نَهون، نَهون ڏهون ٿا،
الائي تہ 'ساگر' ڪيئن جيئون ٿا.

§

هٿن ڪان اسانجي هو پري هو گُلاب.
تنهن ڪي نہ ماڻين سگهيو ڪوئي خواب.

عجب آ تون ئي نہ سمجهي سگهيو آن،
ورنہ هي چهرو تہ کُليل هو ڪتاب.

شِيشا نہ رستن تي پکيڙيو او لوڪو!
گُناهن ڪان پو آ گُذرندو ثواب.

مان پياڪ ناهيان پر پيئڻ ٿو چاهيان،
پيارين جي پنهنجي جوڀن جو شراب.

ڪڏهن تہ خوشين جو سبب ٿي پئہ تون،
ٿي اکين ۾ سدائين رهيو آهين آب.

’ساگر‘ تو سواءِ اڪيلو رهيو هان،
توڙي جو اڪيلائي وڏو آ عذاب.

§

نہ تون آئين نہ تو بِن سَري ڪي پَل ٻہ.
آ دُڪندي رَهي دِل نہ ٺَري ڪي پَل ٻہ.

وِسارڻ جا وَس ڪيا هئا مون ليڪن،
ياد تنهنجي مگر نہ وِسري ڪي پَل ٻہ.

هي اڪيون اسانجون اجا هِن دَر ۾،
هوءَ اچڻ جو چئي نہ وَري ڪي پَل ٻہ.

تو جڏهن موڪلايو مون ايئن پانيو،
مان ويو هُجان جڻ مَري ڪي پَل ٻہ.

گڏجي گهار ڪُجھ گهڙيون ئي صحي،
وجي موت مٿان مون ٽَري ڪي پَل ٻہ.

مان ’ميهار‘ ٿيان، تون بہ ’سهڻي‘ ٿي،
اچ تار درياءَ مان تَري ڪي پَل ٻہ.

§

تون مليئن مونکي مِلي ويا، زندگي جا رنگ سڀ.
وقت ڀريا جهول منهنجي ۾، خوشي جا رنگ سڀ.

تو جو ٻانهن ۾ سُمهاريو مئڪدو وِسري وِيَم،
تنهنجي نيڻن ۾ ڏِٺا مون، مئڪشي جا رنگ سڀ.

جيئن سنڌو جي ڪِناري تي هُجي ڪو شام منظر،
ڳل تي هاريل هئا ايئن، تنهنجي مِٺي جا رنگ سڀ.

ڪو مُسافر هو مِليو، منزل کان هو جو بيخبر،
مون ڏِٺا تنهن جي اکين ۾ بيوسي جا رنگ سڀ.

وار هئا تُنهنجا کُليل، ۽ مون لِکيو ويٺي غزل،
مهڪ زُلفن جي ۾ مهڪيا، شاعري جا رنگ سڀ.

ڪنهن بہ مندر ۽ نہ مسجد، ها مگر ڪنهن دِل اندر،
مون ڏِٺا هُئا اي خُدايا! بندگي جا رنگ سڀ.

تُنهنجي نيڻن جي اُجاڳن جو قسم 'ساگر' ڏِٺا،
تُنهنجي جوڀن ۾ سمايل، عاشقي جا رنگ سڀ.

§

اکين اوسيئڙو تَن ۾ تاتَ.
ڏينهن سمورو ۽ ساري راتَ.

نہ تون ئي آئين نہ ننڊ آئي،
لُچندي لُچندي ٿي پرِياتَ.

جيون اهڙو پيو گهاريان توبِن،
ڪنڌ هُجي جڻ هيٺان ڪاتَ.

ڪيئن وِساريان، وِسرين ڪيئن،
لُونءَ لُونءَ تُنهنجي آهي لاتَ.

جيئن چاهيون ٿيئي تيئن، نامڪِن،
هٿ وَس هوندا ناهِن حالاتَ.

اويلو نہ بَرسَن چئج اکين کي!
وُنيون تہ وَسندي پئي برساتَ.

§

تَتَل ڏينهن ۾ گهاٽي ڇانوَ جهڙو، ۽ مُنهنجي مِني تُنهنجي وارَن جو ساٿ.
درياءَ جي وِچ ۾ ٻُڏندل ٻيڙيءَ کي، مِلي وِيو هُجي جڻ ڪِنارن جو ساٿ.

مُسِلسِل تنهائي جي ياڪُر ۾ رَهندي، پريا پير زندگي جڏهن خودڪشي ڏي،
ٻانهون پکيڙي تو روڪيو هو مُونکي، جنت جي مِليو جڻ نظارن جو ساٿ.

هٿن ۾ ڪٽي، اکين تي رَکي، ڇَپَن سان ڇُهيو تو زندهه ٿي پِيَس مان،
پَن ڇَڻ جي پهر جهڙي جِيوَن کي، مِلي ويو هُجي جڻ بهارن جو ساٿ.

ايامَن کان اوسيئڙي ۾ پيون جاڳن، اکيون اسانجون سُتيون هي ناهِن،
کُليل دَر دِل جو اَڄ اُڪري تون، نہ گهُرجي مونکي ٻي سهارَن جو ساٿ.

سرابَن جي پوٺيان پياسَي هرڻ جان، سموري حياتي ڊوڙندو رهيس مان،
مگر نہ ماڻي سگهيو هي جِيوَن، ڪڏهن ڪِٿي ڪو قرارن جو ساٿ.

جڏهن بہ خود کي ٿاهيوسين ’ساگر‘ وقت اسانکي ڊاهي آ گُذريو،
ڍَهي ڍَهي بہ ٺَهي سگهُون ٿا، پريِنءَ جي هُجي تو پارَن جو ساٿ.

§

پاڻ سَجائي آ پهتي مون وَٽ.
سِڪ سمائي آ پهتي مون وَٽ.

چنڊ لهي ويو، لوڪ سُمهين پيو،
دير لائي آ پهتي مون وَٽ.

ڪنگڻ، چوڙيون، ڦُلڙي، واليون،
چير پائي آ پهتي مون وَٽ.

شهر سمورو ٻَري پيو جِرڻ،
باهه لڳائي آ پهتي مون وَٽ.

’توکان الڳ نه سُجاڻ گهُرجي‘
پاڻ وِڃائي آ پهتي مون وَٽ.

پاڙي ۾ ’ساگر‘ شور مَچي ويو،
هُل هُلائي آ پهتي مون وَٽ.

§

يادون، اڪيلائي، مان ۽ ماٺَ.
لُڙڪ، تنهائي، مان ۽ ماٺَ.

وِڇڙي وَري نہ مِلي سگهِي هوءَ،
هاءِ جُدائي، مان ۽ ماٺَ.

نہ مسيحا مُنهنجو نہ مرهم ڪوئي،
زندگي اجائي، مان ۽ ماٺَ.

دُکندي دُکندي نہ شعلو ٻٽيس،
نہ چٽنگ جلائي، مان ۽ ماٺَ.

ڪيڏو هان ٻوڙيو ڪيڏو پٽڪِيس،
هٿ چا آئي، مان ۽ ماٺَ.

ماٺ تہ مُسِلسِل ماري ڇڏيندي،
راهہ نہ ڪائي، مان ۽ ماٺَ.

§

جڏهن ڪان هُجومن ڇڏيو آ لوڏَي، تڏهن ڪان تنهائي بڻي آ وارث.
اسانجي آجيان ڪئي انڌيرن، اوهانجي سُهائي بڻي آ وارث.

نہ چاهہ جو ڪو چنڊ اُڀريو، ستارا ياڳ جا ويا دَربدَر ٿي،
اڪين جو اُڀ پيو رهيو آ روئِجي، دل جي اُداسي بڻي آ وارث.

تيز هوا جو لڳو هو جُهوٽو، خيال اُڏاڻا سُڪل ڪکَن جان،
صُلح جون سوچون رهيون اڌُوريون، اچي جُدائي بڻي آ وارث.

جڏهن جڏهن پيو بند اکين مان، گهايل خواب جو رت ٽِمي ٿو،
ڇِرڪ پري جو اُٿي پَسان ٿو، رُڳي اُونداهي بڻي آ وارث.

نِراس صبوح، نِراس شامون، هر قدم ٿو نِراس موٽَي،
خدا پيو شايد ڇڏيو وِساري، نڪو خُدائي بڻي آ وارث.

اڪيلو آهيان مايوس ناهيان، باري رکيا ٿم دِيپ دَر تي،
ڪڏهن تہ ڪوئي ايندو ’ساگر‘ آس اِهائي بڻي آ وارث.

§

او زندگي! تُنهنجا، رَنگين رُوپ.
ڪيڏو تا ڏِس! ڏَنگين رُوپ.

تون نيٽڻ سان تي سِير وَهائين،
تُنهنجي وارن جا تا، وَنگين رُوپ.

مان منصور آهيان، اڙي او عشق!
پلي سوريءَ تي تُنهنجا تَنگين رُوپ.

مان ’ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان‘
هو ڪهڙو تا مون کان مَنگين رُوپ.

هر موڙ مَٿي پيو نپائيندو ’ساگر‘،
چاهي ڪيڏا رکين تون سَنگين رُوپ.

§

پيار ۾ دُوري ناهي رواج.
اِهو ئي دل جو آهي رواج.

مِلڻ ۾ ٻڌجن ٿا جي رُڪاوٽ،
سيئي اَڄ سي ڏاهي رواج.

پيار جي ڪائي سرحد ناهي،
پيار جي لاءِ نہ ناهي رواج.

روح جو رِشتو آهي توسان،
مذهب هُجي آڏو ڇاهي رواج.

عجب عشق جي اِها ادا آ،
خبر ئي ناهي ڇاهي رواج.

هو خوشبوءِ هئي وئي ڪوٽ ٽِپي،
پيا پوبان هُن جي ڪاهي رواج.

§

ڏي جام تي جام ٿاهي سَکي اَڄ.
پيئڻ ٿو ’ساگر‘ چاهي سَکي اَڄ.

ويڙهہ نہ وار، کُليل چِڏي ڏي،
رات کي چِڏ يڪو راهي سَکي اَڄ.

پوندي آئيني جي دِل ٽُٽِي نہ تہ،
پاڻ کي نہ ايڏو ٿاهي سَکي اَڄ.

چنڊ لِڪي ويو جُهڙ جي هَنج ۾،
جو نِڪتين نقاب کي لاهي سَکي اَڄ.

مندر، مسجد، مئڪدو، گِرجا،
سرحدون چِڏيئي سڀ ڊاهي سَکي اَڄ.

هڪ ٽُنهنجو ساٿ هُجي هي شهر ڇا،
هي دُنيا سَجي ڪُجهہ ناهي سَکي اَڄ.

§

يا تون اَچ، يا يادون ڪٽي وَڃ.
وِساريان نہ وِسرين نہ ايڏو وَٽي وَڃ.

اڪيون اجان هِن اڪيلِي دَر ۾،
اوسيئڙي کي ڪو انت ڏئي وَڃ.

ايئن نہ ٿي تون چنڊ جان اڪين لئہ،
ٻانهُن ۾ اَچ يا دُور هَلي وَڃ.

ڪڏهن پيي نہ ھڪيئي کي ماٺي سگهُون،
وِچ ۾ نہ ايڏي وِڇوٽي رَکي وَڃ.

چوڙين جو ڇَٽڪو ڇئي ٿو ترس!
ترس نہ اجان آ رات سَکي وَڃ.

او زندگي! نہ ماٺي سگهئين جي هُن کي،
خِزان ۾ سُڪل پَتيَ جان ڇَٽي وَڃ.

§

اچين تہ ساهہ جي سُڏڪن ۾ اَچ.
اکين مان وهندل لُڙڪن ۾ اَچ.

هوا جي جهونڪي جيان ٿئي جِيوَن،
ساعتن ۾ اَچ پَلڪن ۾ اَچ.

رات پر ناهيان سُمهين سَگهيو،
مَن تي ڇانيل اُلڪن ۾ اَچ.

جڏهن ٻيي آئين مان مُنتظر هوندس،
سردي، گرمي يا تِـڙڪن ۾ اَچ.

جُنون ۽ جوش ۾ جُهومڻ ٿو چاهيان،
جوان جذبن جي جهلڪن ۾ اَچ.

ڪيسيتائين سانڍي هي دَردَ. ٻيلا دِل،
دِل جي وڏندڙ ڌڙڪن ۾ اَچ

§

جي ڪيان تعريف تُنهنجي، ڪِيئن ڪيان ڪهڙي طرح.
سُونهن تُنهنجي تي لِکان پر، ڪِيئن لِکان ڪهڙي طرح.

لوڪ ساري جي نِگاهُن کان بچايان يار توکي،
ها رَکان اک ۾ يا دِل ۾، ڪِيئن رَکان ڪهڙي طرح.

قلم ۾ ڀي ناهي وُسعت، ذهن ڀي آ مُنتشر،
توکي مان دِل جي حقيقت، ڪِيئن چوان ڪهڙي طرح.

هو جي تُنهنجي جان جو ڏيئي قسم پو ٿا پُڇن،
ڳالهہ تِن کان پو لِڪائي، ڪِيئن سگهان ڪهڙي طرح.

تون وڃين مان روڪيان، ۽ جي تون مڃين ئي نہ پو،
تُنهنجي ايڏي بي رُخي کي ڪِيئن سهان ڪهڙي طرح.

زندگي ڏِني موليٰ مونکي ۽ مون توکي اَرپيَ ڇڏي،
تو سوا پو پَل بہ هِڪڙو ڪِيئن رَهان ڪهڙي طرح.

دِل بہ ڌڙڪڻ بند ڪيو ۽ ساهہ کي سڪتو لڳو،
ڏار ’ساگر‘ کان رهي مان ڪِيئن جيئان ڪهڙي طرح.

§

ڏِسي هوءَ ڦِرندڙ هوائُن جو رُخ.
ڦِيري وئي اسان کان نِگاهُن جو رُخ.

ڏُکن جو ڪاڙهو جنهن لئہ قبوليم،
ڪيو تنهن سُکن جي چانئُن جو رُخ.

ها هڪ تُنهنجي ئي وِصال خاطر،
ڪيَم هر دُعائن دوائُن جو رُخ.

اسين اَياڻا ٿا وفائون ڳوليون،
ڪِليو سڀ ڳن ٿا دغائُن جو رُخ.

جڏهن ياد ڪائي هُري اندر ۾،
ڪيو مون تڏهن ڪوَتائُن جو رُخ.

§

نہ راجا نہ راڻي گھُري ٿي سنڌ.
پاڻيءَ تي پاڻي* گھُري ٿي سنڌ.

اعتبار نہ ڪبو توتي ھاڻي پنجاب!
توسان ھِڪ ھِڪاڻي گھُري ٿي سنڌ.

يا تہ مير بابا† جو جنم وٺي ڪو
يا ڪو ڪالاڻي‡ گھُري ٿي سنڌ.

گھر گھر مان ھڪ فرد اُٿي بس،
پُٽ يا نياڻي گھُري ٿي سنڌ.

تون گُل آن ديس ڪي معطر ڪجان،
جوين شال ماڻين گھُري ٿي سنڌ.

سدائين سنڌ ڪي نيڪن تي وِڪيو ٿوَ
ھارِ ڪا پُڄاڻي گھُري ٿي سنڌ.

§

پنجاب پاران سنڌ جو پاڻي چورائڻ ۽ سنڌ ۾ مُسلسِل پاڻي جي کوٽ ڪانپوءِ لکيل غزل

---

* پاڻي = حساب ڪتاب

† شهيد مير مرتضيَ ڀٽو

‡ شهيد هيمون ڪالاڻي

اکين سان اکيون مِلائي ڇڏ!
رکيل دُوري درميان هٽائي ڇڏ!

واپار ناهي موٽَ گهُرين تو!
پيار آ، سڀ ڪُجهه لُٽائي ڇڏ!

ٿر جي واري هي مُنهنجو بَدن،
بُوسن جي بارش وسائي ڇڏ!

دِل آ، بار ناهي پو ٻيي،
دِل کي ٿورو سمجهائي ڇڏ!

مان ساگر آهيان ۽ تون پياس،
ڪُٺائي سگهين ڪُٺائي ڇڏ!

ڪير تو چوَئي يادن کي رهڻ ڏي،
هلئي وَس دِل تي لَڏائي ڇڏ!

پيار آ زور گهٽو توکان دُنيا،
پلي پهرن تي پهرا لڳائي ڇڏ!

محفل ساري جيئن جُهومي اُٿي،
’ساگر‘ گيت اهڙو ڪو ڳائي ڇڏ!

§

لُڙڪ لُڙڪ تي نهي ٿو سمنڊ،
اسانجي اکين ۾ رهي ٿو سمنڊ.

هي پيرن جا نشان ڪُجهه ٻُڌائن ٿا،
هوءَ آ گُذري هِتان چئي ٿو سمنڊ.

هُن پير پُسايا تہ جُهومي اُٿيو،
رقص ۾ جڙ تہ لڳي ٿو سمنڊ.

ڪو ڪنهن لئہ نہ لُڙڪ ٻہ هاري سگهي،
ڪو ڪنهن لئہ اکين ۾ رکي ٿو سمنڊ.

پيو سِج لَهي هاڻَي هلون ٿا 'ساگر'،
پريان ٻانهُون پکيڙي سَڏي ٿو سمنڊ.

§

جڳ ۾ جيئڻ لئہ جُرعتون سانديا!
هڪ حوصلو ٻيون همتون سانديا!

جيئڻ لئہ پيئن ٿو بَهَڪِين چو ٿو،
اجايو نہ پاڙ تي ٿُهمتون سانديا!

او پرين او پرين، او پرين ها پرين!
سانڊيڻ ٿو چاهين تہ چاهتون سانديا!

حَق تي هَل پل گهايو وَڃين،
اَندَر کي اُجار ۽ عظمتون سانديا!

پرينءَ جي پر ۾ گهاريل سيئي،
گهڙيون، لمحا ۽ ساعتون سانديا!

نفرتون نانگ ٿئي نہ پالجان! ڏنگيندئي،
او ’ساگر‘ سيني ۾ محبتون سانديا!

§

سمنڊ جيڏي سِڪ مان لِکيو آهي ڪاغذ.
نئين سال تي هُن مُڪو آهي ڪاغذ.

چيو ٿس، نيٽڻ ۾ رَهي نِنڊ ناهي،
نہ آيا اوَهين ۽ نہ آيو آهي ڪاغذ.

چيو ٿس، عرصَي ڪان مِليا پاڻ ناهيون،
بيچين بَدن جيئن لڳو آهي ڪاغذ.

چيو ٿس، دُوري ۾ دُکن دَنگ وِسريا،
مون گڏ قلم ۽ رُنو آهي ڪاغذ.

چيو ٿس، ڪڏي دِل رکي مون ڪاغذ تي،
ٿي ٽُڪرا ٽُٽُو آهي ڪاغذ.

ٽُڪرا ٽُٽَل هُن مُڪا جَڻ چُوڙين جا.
اَکر اَکر تي چُپيو آهي ڪاغذ.

§

بيرَنگ زندگي ۾ رَنگ پيا!
ڪُجھه عشق اُڏمان اُمنگ پيا!

سِينو، چَپَ، ۽ ڳِل اکيون،
دِل ۾ هُن جو انگ انگ پيا!

حُسن کي سجدا پلي ڪجن پر،
حُسن سان عشق جو سنگ پيا!

خامشي§ آهي موت جو تصور،
جيوَن ۾ جھد** ۽ جنگ پيا.

خِزان ۾ بهار جو رُوپ پَسجي،
زندگي ۾ ’ساگر‘ ڪا ترنگ پيا.

§

§ خاموشي
** جدوجهد

وِڇائي نيڻ وينا آهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.
پرين ٿا ايئن توکي چاهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

سامهون صليب هُجي يا پَل وِڇايل واٽ تي ڪندا،
ڪڏهن واپس وريا ناهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

اڪيلايون ڏِکيون راتيون، چِڪن ٿا گهاوَ يادُن جا،
وينا واهَڙ اکيين واهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

ڇَتا تو هئا ڇڏيا چوڙي، پِنل هو بُت بارش ۾،
گهڙيون سي ياد هِن آيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

اُتر جا واءُ وريا آهن، اکين کي تُنهنجو اوسيئڙو،
ڏيئي وانگي ٻَريا آهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

پُڇين ٿي پنهنجي ’ساگر‘ کان، جيئون ٿا ڪيئن بِنا تُنهنجي،
ڪڏهن ناهيون، ڪڏهن ڏاهيون، سدائين پيار جي پنڌَ ۾.

§

پيار ايڏي پائي نہ ڊوڙ
وِک وِک وِڇايل ڪنڊا ڪوڙ

چريا! خبر ٿئي لُڙڪ اُملهہ ٿئي،
ايئن تہ اکين جا بند نہ ٽوڙ

سدائين سمجهيئي ٻين کي خاطي،
ڪُجهہ تہ پنهنجو ڪيل تون لوڙ

عشق اڙانگو سفر صحي پر،
عشق جون منزلون پهچائي توڙ

حياتي رُڳي روڳ ناهي پرين،
مايوس ٿي تون مُنهن نہ موڙ

بهار جي موسم سڏي پئي 'ساگر'
وري ڪي نوان نينهن ناتا جوڙ

§

تنهنجو مونسان مُرڪي مِلڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.
مون وٽ هڪڙي رات ترسڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

تُنهنجي نظرن ۾ نشو آ، تُنهنجو مُرڪون مَڌَ پريل،
مون ڏي ڏِسي هڪ مُرڪ مُرڪڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

جِت ٿيو تُنهنجو جنم، سا پيٽائي يونءَ سڏجي،
تنهن يونءَ ۾ منهنجو جمڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

جنهن جي آغوش ۾ اَڏيل آ، پنهنجو آشيانو پرين،
تنهن سنڌ امڙ تي سر ڏيئڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

مون توکان هڪ مُرڪ گهُري، مَڌَ پريل تنهنجي چَپَن جي،
بارش جان تُنهنجو وَسِي پوَڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

ڪير ڪنهن سان ٿو ’ساگر‘ عمر ڀر لئہ گڏ رهي،
ڪُجهہ گهڙيون تُنهنجو گڏجي رهڻ، آ وڏو مون لئہ اعزاز.

§

جو واهَڙ جان هو وَهَندو شخص.
سو سج وانگي ويو لهندو شخص.

طوفان سان وِڙهندي وِڙهندي،
ويو واريءَ گهر جان ڍهَندو شخص.

رکيا روَين مان هئا لوڪ پٿر،
هو شِيشَي جان ويو ٽُٽُندو شخص.

وِڇوڙن جي هو واڇُوڙن ۾،
وِيو ڪکَ پَن جان اُڏَندو شخص.

يادون لُڙڪ بڻيون ٿي جنهن پَل،
بادل جان پرجي هو وسندو شخص.

جيئڻ جي هو جُستجو ۾،
روز رهيو هو مرندو شخص.

§

هڪ ڏرتيءَ جو ڪُجهه آهي قرض.
ٻيو سرتيءَ! چڙهيو ٿئي وڏائي قرض.

اُماس راتين ۾ اچين ٿي مون وٽ،
سگهندس ڪيئن هي لاهي قرض.

هي ٻُوسا، هي ڀاڪُر، هي پيار تُنهنجو،
مٿان مون چڙهي ٿو وَسائي قرض.

سڀ ڪُجهه پنهنجو ڏئي پو ٻي،
چئين ٿي 'پيار آ ناهي قرض'.

'ايئن تون ياد رهين ٿو' چيائين،
'جيئن ڪو ڪنهنجو راهي قرض.

توکي ڏِنم چا، اوسيئڙو ۽ آسرا،
چئه ڪيئن سگهان مان چُڪائي قرض.

§

ٿا ننڊ ڦٽائن يادُون ۽ خط.
هر پهر ستائن، يادُون ۽ خط

جڻ روز سوليءَ تي لهان چڙهان ٿو،
ڪيڏو ٿا گهائن، يادُون ۽ خط.

سوچي وجان ٿو جڏهن خودڪشي جو،
ٿا واپس ورائن، يادُون ۽ خط.

ڳوڙها، اڪيلائي مان ۽ ماٺ،
ٿا سيني لڳائن، يادُون ۽ خط.

نہ وِسري سگهين ٿي، نہ مِلي سگهيئن تون!
رُڳو پيا تڙپائن، يادُون ۽ خط.

ڪيان ڪيڏانهن نہ ڦاڙي سگهان ٿو،
پيا روز جلائن، يادُون ۽ خط.

§

شهر! مان تو هلان هاڻَي، خداحافظ خداحافظ.
ڳوٺ جي تانگهه پئي تاڻَي، خداحافظ خداحافظ.

وقت ورتاءُ هِن پيري، ڪيو مونسان آهي اهڙو،
سُڪل پَن واءُ جيئن چاڻَي، خداحافظ خداحافظ.

هِتي هر پهر شِيشَي جان، ڇُپي تو دِل جي پيرن ۾،
ناهي ڪو چين ڪنهن ٿاڻَي، خداحافظ خداحافظ.

صبح جي هِير ٿڌڙي ۾، پرين خوشبوءِ تُنهنجي تَن جي،
مون ڏي تو روز واءُ آڻَي، خداحافظ خداحافظ.

وڏَن تي وڏَ ڏِنا سيني، نـ مسيحائي ڪئي ڪنهن پيي،
نٿو ڪو دردَ دِل جاڻَي، خداحافظ خداحافظ.

سَکي! هِن زردَ موسم ۾، قسم آ سُونهن تُنهنجي جو،
سوا تو جيءَ جڙ گهاڻَي، خداحافظ خداحافظ.

§

اَڄ مُرڪي مِلون او مُنهنجي مِٺي! پوءِ ڪيون الوداع.
ٿورو سمجهي وٺون ڇا آهي خوشي، پوءِ ڪيون الوداع.

ٿورو ترس اچا! تُنهنجي نيڻن منجهان ڪُجهه ڳولي وٺان،
زندگي موت ۾ آهي ٿوري وِٿي، پوءِ ڪيون الوداع.

ٿورو ترس اچا! تُنهنجي جوڀن جي سُونهن نِڪري پلي،
گُل جهڙو غزل پئي ڪو ڦُٽي، پوءِ ڪيون الوداع.

ٿورو ترس اچا! تُنهنجي وارن جي سيج تي مان سُمهان،
رات آهي اچا ڪُجهه گڏجي رهي، پوءِ ڪيون الوداع.

ٿورو ترس اچا! تُنهنجي ڇپڙن منجهان جامِ جوڀن پيان،
دَردَ دِل جو سمورو وڃي وِسري، پوءِ ڪيون الوداع.

ٿورو ترس اچا! تُنهنجي سُونهن سموري غزل ۾ لِکان،
امر ٿي وڃي ’ساگر‘ ساري شاعري، پوءِ ڪيون الوداع.

§

تلاش ڪندي خوشيءَ جو سُراغ.
وِڃائي ويٺس زندگيءَ جو سُراغ.

پوتي پيرا جي ويڙهي تَن تي،
ڳولي پئي روشنيءَ جو سُراغ.

وري[††] جي وِلوڙن ڪان آجو آ شايد،
ونيو ٿو هلي عاشقيءَ جو سُراغ.

عمِر پر سجدا ڪيائين مگر،
نہ پائي سگھيو بندگيءَ جو سُراغ.

رِندن سان پريت جو پيچ پائي،
ٿي آ ويو مئڪشيءَ جو سُراغ.

ٻهي ٻهي ٿهيو آ پو پيي،
پُڇائي پيو دلبريءَ جو سُراغ.

§

---

روزگار جو فڪر

خوشي ڪنهن هِڪڙي ڏِسا ۾ غم هن چؤطرف.
ديس پنهنجي ۾ پرين ڏُکم ڏُکم‡‡ هن چؤطرف.

هي وقت ئي اهڙو آهي چا چئون چئه پلا،
منهنجا ئي آهن ڪِٿي رڳو نيڻ نَم هن چؤطرف.

ياد تنهنجي ئي بچي آ، باقي تہ ڪُجھ ناهي بچيو
اکين جي ساري شهر جا، سپنا ڀَسم§§ هن چؤطرف.

بم ڌماڪو ڪنهن ڪيو هو رت رستن کي رڱيو
انسانيت وئي ڌوڙ تي، چچريل چم هن چؤطرف.

وِک جيڏانهن پيي وڌي تي، ايئن ٿو ڀاسي او 'ساگر'
دَلدل ساري آ ڌرتي، زخم زخم هن چؤطرف.

§

---

‡‡ ڌڪ ئي ڌڪ

§§ سڙيل، رک ٿيل

عشق واسينگ وانگي ونگيندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.
وري جا وِلوڙا وَر وَر وڏيندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.

وِڪريل واءُ ۾ وار هي ناهن، خيال هي پنهنجا لوهہ تي لِيڪو،
ناوَ ٻڏجي آخر نيندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.

عشق ڏي ويندڙ رستا سارا، شِيشا شِيشا آهن پيارا!
پيرَين پنهنجي رت پيي وهندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.

سگريٽ وانگي سڙندو رهندين، دِل ۾ دَردَ ڪوڙ ڪٽي،
سُجَ ۾ ساٺ ڪو ٻہ نہ ڏيندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.

تارا تير تڪي هڻندئي، پنبڻيون پنهنجو ڪانَ ڪري،
ڏاهي ڏاهي، ڏاهيندئي، ٻاهر نہ ڪيڄان ڪائي ٻاڦَ.

§

سر اڏيءَ تي آهي عشق.
راند ٻاراڻي ناهي عشق.

حد نہ ڪائي لاحد آ هي،
ڪوئي نہ ڄاڻي ڇا هي عشق.

ساڙي ڪڏهن ٿو ڀَسم ڪري هي،
ڪڏهن ڇڏي ٿو ٺاهي عشق.

دَردَ ڪان ڪير لهرائي،
پر جي ڪنهن سان راهي عشق.

پٿر بازي ۾ رهي جيئن شِيشو،
ايئن ڇڏي ٿو ڍاهي عشق.

’ساگر‘ سو ئي امر ٿيندو آ،
جنهن کي پيي ٿو چاهي عشق.

§

پرينءَ پهرين پنهنجي نِگاهُن کي روڪ.
پلي پو اسانجي خطائُن کي روڪ.

لُڇي تي پُڇي تي سَڏي تي اوهانکي،
نـ دُکي هن دِل جي صدائُن کي روڪ.

ڏيندين جي تاندا تـ اُٿندا ئي شُعلا،
اي جڳ! تون پنهنجي سزائُن کي روڪ.

جفائون ڪرين ٿو تـ ڪر شوق سان،
مگر تون نـ منهنجي وفائُن کي روڪ.

پرينءَ کي ڇُهن ٿيون نـ هرگز وٽن ٿيون،
خدايا! هن چنچل هوائن کي روڪ.

§

ڪيسين عشق اسانکي ساڙي ڪندين رَک!
سُونهن کي اسانجا ٻِٽا هوندئي ٻَک.

هي ضدي ضمير نہ وِڪامي سگهي ٿو،
هُجي توڙي ڪيسو ءِ خالي ڪُک.

هو نٿي چاهي هُن جو پيڇو ڇڏي ڏي،
سياڻو ٿي زور جي مهندي نہ مَک.

پلي تون هَل اوٽَ پردي جي وٺي،
پر پنهنجن لئہ ايڏا حِجاب نہ رَک.

هوءَ ڪُلاسي اڱڻ تي کولي مُنهن سُتي آ،
چنڊ آ چهرو نہ پئي ڪا پَرک.

§

ڪيئن چوَين ٿو آهي خواب، جيوَن سارو آهي جَنگ.
ڪوئي ڪٿي ٿو ڪو هاري ٿو، هر ڪنهن پنهنجو آهي ڍَنگ.

گُل سان آهي جيئن خوشبوءِ، درياءَ سان آ لهر جيئن،
مان چاهيان ايئن هَلي ڪو مُرڪي هرپَل مُنهنجي سَنگ.

چِير جو چمڪو ناهي ڪِٿ پيو، آهي چوڏِس خالي ٻاٽ،
چا ٿيو توکي ديس اسانجا! ڪيڏانهن ويا سڀ ٽُنهنجا رَنگ.

بارشن برسڻ ڇڏيو پر سمنڊ ٻوڙي ويو شهر سڄو،
ڪين ڳُٽي ڪو آهي سگهيو، هِن دَردَ جو آهي ڪهڙو ڏَنگ.

حادثہ حادثہ هرپل آهن، غم جو آهي سفر ڏِگهو،
روز وِڇوڙو روز ئي نوحا، چاهت جو ڪو ناهي چَنگ.

حق تي هلندي جڏهن بہ ’ساگر‘ جنگ جوٽي مون آهي صنم!
ڪو نہ روڪي چو سگهيا هئا، ٽُنهنجي وارن جا هي وَنگ.

§

دِل جي دُنيا اُجڙڻ کان اڳ.
مونسان مِلي وَڃ وِڇڙڻ کان اڳ.

دوَار دِل جا کُليل ئي رهندا،
جيوَن جي سِج لهڻ کان اڳ.

پوءِ تہ سميٽي سَگهبو ئي ناهي،
سنڀال پاڻ کي وِکرڻ کان اڳ.

جيوَن جهاڳ اَجهاڳ سفر ٿئي،
ياد ٿمر کڻ نِڪرڻ کان اڳ.

ايئن نہ ٿيئي جو پو پڇتائين،
سوچ ’ساگر‘ ساٿ ٽوڙڻ کان اڳ.

§

سُونهن سودي ڪيئن سگهندين، حُسن جو چا ڏيندين اگهہ.
جِسم خريدي سگهين ٿو پر جذبن جو چا ڏيندين اگهہ.

ڪوئل ڪُوڪَ لنَوين ٿي جنهن پَل، نيڻ مهتي ٿي جاڳي هوءَ،
ڪُولي ٿو هُوءَ ور جِن ۾، تِن لمحن جو چا ڏيندين اگهہ.

هِڪڙَي ايڪڙ عيوَض پنهنجي، پيڻ ڪري تو ڪاري ماري،
سنڌ کي ڏِنا تو روز نوان، تِن زخمن جو چا ڏيندين اگهہ.

رات آڌي جو لوڪَ سُتَي هُوءَ، ڪنڊاوان رستا اُڪري،
هورَي هورَي آئي ڪٽي، تِن قدمن جو چا ڏيندين اگهہ.

ڪا ڪا شئي اَمُلهہ ٿئي ٿي، جيئن پرينءَ جي هِڪڙي مُرڪ،
ڪوڙ اهڙين خوبصورت، مُرڪن جو چا ڏيندين اگهہ.

راتيون جاڳي جيڪي لِکيا، سَکي جي سُونهن مٿي،
’ساگر‘ جي تِن نظمن ۽ غزلن جو چا ڏيندين اگهہ.

§

جذبن جي جهلي ڇِيڇَ مان، ٽوڙي هلي وئين سيئي سَڱ.
گهڙي گهڙي جن گهاريو توسان، اڪيلا ڪري وئين سيئي سَڱ.

اوهان جي پُڄاڻان، اسان جي اڱڻ تي، واءُ گهُليو اهڙو گهُليو،
جيوَن وڻَ مان زردَ پَتن جان، ٽوڙي هليو ويو ڪيئي سَڱ.

ننڊپُڻ جا سي نِينهَن ۾ مِنهَن، وينهجي جنهن ۾ وڏا ٿياسين،
مون ڪان ته وِسرن مور نٿا، ڇئه ڪيئن سي وِساريئي سَڱ.

ڇئه ڪيئن پيار بِنا هي هيڏو، جيوَن گهاري سگهندين اڪيلو،
ڇئه ڪيئن ٽُنهنجي سرندي ٿِن ريءَ، جِن سان سارا ٽوڙيئي سَڱ.

سنڌ جيان سينڌ ٽُنهنجي، سمجهيو هو مون ڪندي وفائي،
ها پر ڄاتو هو نه اِهيو مون، الڳ هوندو آ هر ڪوئي سَڱ.

واريءَ وانگي وقت هٿن مان وهيءَ سموري وهي رهي آ،
وهيءَ به ’ساگر‘ وٺي تڏهن ٿي، ڪَنَي هُجي جي ڪوئي سَڱ.

§

جِسم گهر ۾ نيڻ سفر ۾،
تڙپيو آهيان پهر پهر ۾.

ناهيون پاڻ کي ڳولي سگهيا،
رهندا آهيون هڪ ئي شهر ۾.

پاڻ ئي روئي ماٺ ٿيس مان،
جڻ تہ ناهي ڪوئي پر ۾.

پوءِ بہ الائي ڪيئن ٿا مُرڪون،
هيڏو دَردَ ڪٽي جگر ۾.

ڪيئن پلا مون وِسرين 'ساگر'
ياد اچين ٿو شام و سحر ۾.

§

اکين سان جڏهن مِلن ٿيون اکيون.
اکين جو قسم پو رُلن ٿيون اکيون.

ٿوڙيَ گَن ٿيون هي حِصا حِصا،
جڏهن پيي مِلي پو ٽُٽَن ٿيون اکيون.

ڪيڏو ڪربَ آ حياتيءَ جي هنج ۾،
ڪنهن لاءِ پر هي کِلن ٿيون اکيون.

جي وار ويڙهين ته احتياط سان،
وارن ۾ تُنهنجي هي رهَن ٿيون اکيون.

تون جِتان جِتان به گُذرين ٿي،
اُتان اُتان هي هَلن ٿيون اکيون.

جاڳَن ٿيون راتيون سِتارن سان گڏجي،
پل نه هي هڪڙو سُمهن ٿيون اکيون.

جڏهن به ياد ستائي ٿي ’ساگر‘
بادل جان پرجي وَسن ٿيون اکيون.

§

تون آهين مان آهيان ڇڻ.
تو سواءِ ڪُجھ ناهيان ڇڻ.

توکان پري ٿي ايئن ٿو ڀاسي،
موت مزو پيو ماڻيان ڇڻ.

ايامن کان ايئن پيو گھاريان،
پاڻ ڏاهي ٿو ڻاهيان ڇڻ.

طوفانن سان هر هر اَٽڪي،
پيو سينو پنهنجو ساهيان ڇڻ.

سرابن جي پويان رُلي رُلي ٿو،
ها! پنهنجو پاڻ وِڃايان ڇڻ.

تو سواءِ او ’ساگر‘ پيارا،
پيو جيوَن گھاٽي گھاريان ڇڻ.

§

دڳ دڳ ڪيڏو آهيان ڀوڙيو.
مون وَستي وَستي واهڻ ووڙيو.

آسمان تي پُهچ هجي ها جيڪر،
پُڇان ها خدايا! ڇو ٿَم لوڙيو.

ڪڇَي گهڙي جان زندگيءَ جي ڇڪَ تي،
قسمت جي ڪُنڀر آ ٽوڙيو جوڙيو.

ڇئہ پرين! تہ هي انتها ناهي،
تو ٻار جو رانديڪو سمجهي ٽوڙيو.

ڪُجھ بہ صفائي ۾ نہ بچيو هو جڏهن،
مون زمين ۾ پنهنجي نظرن کي کوڙيو.

ڇئہ 'ساگر' ٻيو ڇا مان ڪيان ها،
وڻ هو پروسو تو پَن جان روڙيو.

§

عشق عجب آ تُنهنجي راهہ
وٺي هلين ٿو ڳڏ ويساهہ

هليو جو تُنهنجي چيچ پَڪڙي،
پُهتو وڃي سو مقتل گاهہ

تنهائي مون کي اُجاڙي ڇڏيندي،
ٻانهن ۾ پنهنجي ڏي پناهہ

جنهن پيار ٻيڙي ۾ تون ئي مان،
سا پُهچي ڪِناري ٿئي واهہ واهہ

عشق جي راهہ ۾ جي ماريو ويئن،
سمجھہ سجايو هي ٿيندو ڇاهہ

سڀ ڪو توکي لتاڙي لنگھندو،
او ’ساگر‘! نہ پاڻ کي بنائي گاهہ

§

جو روز پڙهان سو ڪتاب تي پئہ.
سَکي تون مون لئہ ثواب تي پئہ.

اکين چَپَن ۽ ڳلن تي اُڀري،
چُمين سَندو تون گُلاب تي پئہ.

هَستي رهي نہ ئي مَستي رهي،
جوين جو پياريل شراب تي پئہ.

ڇڏي ڏي دُنيا، دُنيا ۾ ڇا هَي،
اچي رَهہ اکين ۾ خواب تي پئہ.

جو سدائين دِل ۾ رَهي ڇَپن تي،
تي ’ساگر‘ جو غزل لاجواب تي پئہ.

§

زندگي آ، سگريٽ سَستو ناهي، جو اَڌ پيتو اُڇلائجي.
پيار آ، پهريل وڳو هي ناهي، جو روز پيو بدلائجي.

تون جو نہ آئينءَ تولئہ ترسي، ترسي نيٺ هليو هي ويندو.
جوڀن آ سانوڻ رُت جيئن تنهن کي ڪيئن ترسائجي.

ساري تي سڏي تي لُڇي تڙپي ۽ روئي ٿي،
دِل آ، ڪو ٻار ننڍڙو ناهي جو ڪٽي پرچائجي.

هو سمنڊ آ ۽ هي قطرو روز وڃي ٿو ملي سمنڊ ۾،
قطرو آ، ڪڏهن لهر نہ ٿيندو ڪيئن تنهن کي سمجهائجي.

تُنهنجي اچڻ سان عيد ٿئي تنهنجي وَڃڻ سان ايئن لڳي،
ماتم آ جڻ ڏهين محرم، چئہ ڪيئن خوشي ملهائجي.

هو جي نٿو چاهي پلي نہ چاهي چا ٿي پيو!
عشق آ 'ساگر' ونڻ نہ گهُرجي، سڀ ڪُجهہ پلي لُٽائجي.

§

ڪُجهه تہ خوشيون آڻ وقت.
ڪنهن ڪنهن جي ڪاڻ وقت.

وِڪرڻ نٿو مان چاهيان اجا،
هوءَ آهي اجا مون ساڻ وقت.

پُڇان ٿو هي هيڏا غم ڇا لئہ،
ڇا ڪان ۾ ڇاڪاڻ وقت.

ڪُجهه تہ محبت جو حق آ مون تي،
ڇا شيئر ڪيان هُن ساڻ وقت.

هڪ يادن جا هِن ٿاڪ مَن ۾،
ٻيو روز اڪين آلاڻ وقت.

ڪو تہ سهارو ٿو گهُرجي ’ساگر‘
ها، زنده رهان جنهن ڪاڻ وقت.

§

رهياسين دُنيا کان سدا بي خبر.
جڏهن کان پرين تُنهنجي ٿياسين نظر.

جڏهن کان هِتان تون هلي آن وئي،
گُذاريم سيئي زهر جهڙا پهر.

ايڏي بہ دوري مُناسب نہ آهي،
ايڏو بہ ڪنهن سان ڪجي نہ قهر.

جيوَن سندو سِج لهڻ کان پوءِ،
چا ٿي پيو جي ڪيو تو قدر.

هي نيڻ وَسيا تہ پوءِ ڏِسجان،
لُڙڪ لُڙڪ ٿي ويندو لهر.

سرابن پويان تون چو وڃين،
زندگي آ پيارا پرين مختصر.

جڏهن پيي تون چاهين هليو اڇجان،
هوندو مُنتظر تولئہ تُنهنجو ’ساگر‘

§

اسان هئا جِن کي گُلاب ارپيا.
اُنهن اسان کي عذاب ارپيا.

مِلي نہ ڪائي تعبير مونکي،
رُڳو ئي قسمت خواب ارپيا.

پُڇيو مون دِل کان پريم ڇا هي،
لُڙڪن لڙي هئا جواب ارپيا.

جڏهن بہ گُذريس مئڪدي مان،
رِندن هئا مونکي شراب ارپيا.

چاهيو مون هُن کي پرکڻ هو پر،
هُن پي هميشہ نقاب ارپيا.

اي چنڊ! ملئہ جي پرين تہ چئجان،
’ساگر‘ پي تولاءِ آداب ارپيا.

§

ياڌن جا طُوفان اُٿن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.
کنڊر خواب هي محل لڳن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

چنڊ ڦهلائي چانڊوڪي آ، مور ٿڪوڪيو ڏيل ڏُکي آ،
توکي ساري نيڻ روئن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

سمنڊ ڪناري جوڙا گُهمن ٿا، آئون اڪيلو هاءِ اڪيلو
لاڙون لاڙون لُڙڪ وَهَن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

ڏُور نظر تائين ڏُک ئي ڏُک آ، ڇڏ پيلا ڪيئن جيئون تنها،
پهر سيئي ٿي زهر وڃن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

گهر، مندر ۽ مسجد ۾ پيي، تُنهنجي ياد رهڻ نہ ڏي جي،
مئڪدي وڃجي خيال اچن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

زندگي گُذارڻ گهُرجي ’ساگر‘ سوچيو هو مون ٿُنهنجي خاطِر،
ها پر هاڻي خيال ڦِرن ٿا، تون جو ناهين مُنهنجي پر ۾.

§

رڳو سراب ويڙهي رهيا هِن.
موت ويجهو ريڙهي رهيا هِن.

خِيال تُنهنجا ها دَردَ بنجي،
جيءُ اندر جهيڙي رهيا هِن.

دِل آ گهر، بني تہ ناهي،
دَردَ چو کيڙي رهيا هِن.

وقت آ چانگيو ٻير جان،
ٻار مونکي ميڙي رهيا هِن.

حسرتن کي ڏِنم جي سيبا،
خِيال تُنهنجا اُديڙي رهيا هِن.

سُڪون جا خيما ڪوڙيم مَن ۾،
سُور 'ساگر' اُکيڙي رهيا هِن.

§

ڪيڏي ڳڙي آ، پو بہ پيئان پيو.
ڏُڪ ڏُڪ ڪري زندگي جيئان پيو.

او ڳتيون! او ٽيڙو! رهجو ساڪي،
ياد جي سولي تي روز سَجان پيو.

روز وقت تو وَڏَ نوان ڏي،
روز حِصن ۾ وِرهايو وجان پيو.

پَل پَل پچي پِجري پرينءَ لئہ،
سِسڪي سِسڪي سِڪ سُمهان پيو.

اوهان پُڄاڻان ايئن پيو گهاريان،
روئان کِلان ۽ کِلان روئان پيو.

پلا ڪير ٿيندو مسيحا ها مُنهنجو،
چَهڪ چَهڪ تي روز چِڪان پيو.

جيئڻ بہ جهد ۽ جنگ آ 'ساگر'
رهبو تہ جيئڻ لئہ وِڙهبو سوچيان پيو.

§

ايئن مِلي بي حجاب هُوءَ.
جيئن کُليل ڪو ڪتاب هُوءَ.

پَنو پَنو مون پڙهي ڏِٺو،
مُحبت ڪان محبت هر باب هُوءَ.

هُن جي نيڻن ۾ هِڪ دُنيا آهي،
ڪنهن شاعر جو آ خواب هُوءَ.

پيئڻ ڪان اڳ ٿيا خُمار طاري،
عجب آ ڪهڙو شراب هُوءَ.

هُن وار کُوليا وئي خوشبو پکڙي،
تازو ٽڙيل جڻ گُلاب هُوءَ.

هنج ۾ هُن جي سُڪون آ ڪيڏو،
الائي تہ ڪهڙو آ ثواب هُوءَ.

’ساگر‘ يادُون ڪُجهہ خط ڇڏي،
جيئڻ ڪري وئي عذاب هُوءَ.

§

مان نِراس ناهيان او مُنهنجي مِٺي!
ڪو دَردَ آ جو حدون ويو آ ٽپي.

ڪو دَردَ ٿو ماڻهو کي ٿاهي چِڙي،
ڪو دَردَ ٿو پاڻ سان وجي گڏ وٺي.

مجيَم غم خوشي ٻئي ٽُنهنجا حِصا،
او زندگي! ٻُڌائي ڪِٿي آ خوشي.

هي ماڻهو جي دِل آ يا آهي پٿر،
دَردَ هي ڪيڏا وجي ٿي سَهي.

جيڏانهن ٻـ وڏيا پيرَ زخمي ٿيا،
ڪير آ جو راهُن ۾ ويو شِيشا رکي.

هُن ايڏي تہ آتش پري آ چِڙي،
ها هي زندگي مَچ ۾ سگهي ٿي نچي.

صليب تي 'ساگر' هئي هِڪ زندگي،
هِڪ زندگي ٽُنهنجي اکين ۾ ڏِٺي.

§

زندگي جي آرسي اکين جي اندر ٽُٽِي پئي آ.
آباد هئي دِل جي دُنيا ڪنهن جي ڪاڻ لُٽي پئي آ.

واري جا گهر ٿيا ثابت، سپنا جيڪي ڏِٺا هئا مون،
زندگي ايئن لڳڻ لڳي آ، جڻ ڦاهي گهات گُهٽي پئي آ.

آخري پيرو موڪلائڻ مهل، ڪُجھ ڏيئي وئي هوئين،
ڳِل پڌر تي چُمي سا تُنهنجي، گُل وانگي ڦُٽي پئي آ.

پلي تون پنهنجي رِشتي جا راز سنيالي رک پاڻ وٽ،
مگر تنهنجي چهري تي ويڙهيل نقاب جي ڳنڍ ڇُٽي پئي.

ڪيڏو خُود کي سميٽيو هو مون، وِڪرڻ کان اڳ هوائن ۾،
ڇا ڪجي جو ياد هُن جي، دِل تي بارش جان وُٺي پئي آ.

جيون جا سڀ سوڙها پيچرا، پار پئي مان پهتس ليڪن،
ها پر ڇا ڪجي جو ’ساگر‘ قِسمت ئي پنهنجي ڪُٺي پئي آ.

§

آ جيون هي پنهنجو پيارا اُمله.
۽ جيون جا سڀ نظارا اُمله.

ٻوڙين ۽ تارين مونکي ٿا هر دَم،
تُنهنجي اکڙين جا هي اِشارا اُمله.

مُنهنجي تنهاين ۾ گڏ هِڻ مونسان،
تُنهنجا خط، سمورا سهارا اُمله.

هوئن تہ ڏرتي سموري آ سُهڻي مگر،
تُنهنجا گَس، گهٽيون ۽ چارا اُمله.

پلي 'مانش جنم امولھ'*** هُجي
پر ماڻهو اٿئي پيار وارا اُمله.

نہ دُنيا نہ دولت نہ شهرت کپي،
'ساگر' لئہ سهارا تو پارا اُمله.

§

*** ماڻهو جو جنم اُمله آهي

دِل بَري* ناهي اجان هي غم کان.
کيس چئو پاسُو ڪري سِتم کان.

هيل ٻيي نيڻ ٻِئي آلا رهيا،
هيل ٻيي ناهن بچيا آگم کان.

ڪو تہ تنهائي جو سبب آهي تڏهن،
هو هميشہ دُور رهيو رِم جِهم کان.

جي وَسين تہ مون تي تہ بادل ٿي برس،
ها پرين! هي رُوح پياسو آ جنم کان.

ڪير ڪنهن لئہ آ هِتي آٿت ٻڌيو.
ڪير ڪنهن کي ٿو بچائي غم کان.

هو مسيحا ٿي موٽيو آهي تڏهن،
گهاوَ اڳ ڀَريا جڏهن مرهَم کان.

§

* ريها، آزاد

جڏهن بہ چنڊ ٿا ڏِسون، پرين توکي ٿا ساريون.
ڪٽي اُڪنڊ ٿا جيئون، پرين توکي ٿا ساريون.

خواب ۾ يا جاڳ ۾، جيڏانهن وڃان تون ئي تون،
جڏهن بہ نِنڊ ٿا سُمهون، پرين توکي ٿا ساريون.

مئخانن ۾ جام ٽڙڪن، جڏهن بہ ازانون ٿيون اچن،
مندر جو گهنڊ ٿا ٻُڌيون، پرين توکي ٿا ساريون.

ڳاڙهي ويس ۾ بَدن، هٿن تي رنگ ڪي رَتَل،
جڏهن ڪو جُهنڊ ٿا پَسون، پرين توکي ٿا ساريون.

جڏهن بہ اُڃ رُڃ ۾، ياڪرن ۾ تون مليئين،
چڙ تہ سمنڊ ٿا پيئون، پرين توکي ٿا ساريون.

سِڪ جي ’ساگر‘ سُپ ۾ يادَ تُنهنجي ٿي چَڙهي،
جيوَن ۾ جنڊ ٿا پيهون، پرين توکي ٿا ساريون.

§

توکي حال دِل جو ٻُڌايان يا نہ؟
چئہ پرين سڀ ڪُجھہ سُڻايان يا نہ؟

چئہ پرين! مسيحا تي تون سگھندين؟
ڏِنل وَڍَ وقت جا ڏيکاريان يا نہ؟

سموري هستي حِصا تي پئي آ،
حِصا حِصن سان مِلايان يا نہ؟

تو تہ آ پوِگنائن جي رِڻ ۾ روليو،
او زندگي! توسان نِڀايان يا نہ؟

اُتم نيڻ تنهنجا اُتم عشق مُنهنجو،
اُتم کي اُتم سان اڙايان يا نہ؟

سُياڻي چا ٿيندو پلا ڪير جاڻي،
چئہ 'ساگر' گلَي تو لڳايان يا نہ؟

§

جِيون جو سفر اُداسي ٿو آڇي.
مونکي مُنهنجوئي گهر اُداسي ٿو آڇي.

لڳي ٿو هِتان ڪوئي راڪاس آ گُذريو،
تڏهن تہ هي شهر اُداسي ٿو آڇي.

نہ ئي چير چمڪو نہ ڪي ٻُول ٻاتا،
تنها تنها پَدَر اُداسي ٿو آڇي.

ماٺ آ مهراڻ چڏيو رقص چولين،
سنڌو جو ڪپر اُداسي ٿو آڇي.

آهن ديس پنهنجي تي ڏاڙيل قابض،
امن جو ڪبوتر اُداسي ٿو آڇي.

§

زندگيءَ جي ڊوڙ ۾، هرڪو اڳتي پيو وڃي.
وقت جي وِلوڙ ۾، هرڪو اڳتي پيو وڃي.

ڪير غلط ۽ ڪير صحي وقت ئي ثابت ڪندو،
هيڪر تہ پنهنجي لوڙ ۾، هرڪو اڳتي پيو وڃي.

المين جي ديس ۾ حادثا پيدا ڪري،
هر گهٽي هر موڙ ۾، هرڪو اڳتي پيو وڃي.

زندگي جو هر پيو ڪاهي، ڪو محبتن ڪو نفرتن سان،
اُوڙ ڏيئي اُوڙ ۾، هر ڪو اڳتي پيو وڃي.

ڪنهن کي فُرصت ئي ناهي، لُڙڪ ڪو هاري مَتان،
هُل هنگامي گوڙ ۾، هرڪو اڳتي پيو وڃي.

سوچي سوچي زندگي جي ’ساگر‘ نہ پُهتو ڪنهن ڏَگ تي،
هر طرف هٿ جوڙ ۾، هر ڪو اڳتي پيو وڃي.

§

شاعر ٿي ساحر نہ ٿي.
محبت اندر ماهر نہ ٿي.

رِشتو جوڙين تہ ڪر نِڀا،
نلھو تون وائر نہ ٿي.

سچ سر گھُري تہ ڏي،
باغي ٿي ڪانئر نہ ٿي.

گُل تي پؤنرا ڏِسي نہ چِڙ،
آپي ڪان ٻاهر نہ ٿي.

چڪور ٿي مان اُڏندوسانئن،
چنڊ جان ظاهر نہ ٿي.

’وقت آ ناهي پارڻ‘ چيائين،
’ساگر‘ تون شاعر نہ ٿي.

§

مايوسي کان پاسو ڪرڻ مون سِکيو آ.
پرين! تُنهنجي خاطر جيئڻ مون سِکيو آ.

رُوئڻ جي تہ مُنهنجي عادت هُئي پر،
توکي خوش رکڻ لئہ کِلڻ مون سِکيو آ.

ويندي رات غم جي پرڀات ٿيندي،
ٿي ٻاٽ مان لاٽ ٻرڻ مون سِکيو آ.

مُنهنجي لاءِ پَل تون شمع ٿي نہ ٻَرجان،
پتنگ ٿي تولاءِ سڙڻ مون سِکيو آ.

جُهڪائي نظرون جيئڻ هِت ڏُکيو آ،
ڪري ڳاٽ اوچو هَلڻ مون سِکيو آ.

موت تہ هڪ ڏينهن اچڻو ئي آهي،
’ساگر‘ زندگي سان رهڻ مون سِکيو آ.

§

روز ڏَهون ۽ وري ڏَهون ٿا سَگهي!
تو پُڇو آ تہ ڪيئن جيئون ٿا سَگهي!

ڇو ٻاهر ڳولڻ تون آن نِڪتي،
تُنهنجي نيڻن منجهہ رَهون ٿا سَگهي!

مُرڪن جي مُند ۾ الائي ڇو اسين،
لُڙڪ تي اِڪ مان وَهون ٿا سَگهي!

صدين جي صدا ڄڻ تي ٿا وَڃون،
نيڻ توڏي جڏهن کڻون ٿا سَگهي!

جبر تي صبر جي عادت تي وئي آ،
ڪنهن کي نہ ڪُجهہ چئون ٿا سَگهي!

§

منهنجا شوق عذابن ۾ آهن.
تنهنجا شوق گُلابن ۾ آهن.

لُڙڪ هاري سوال ڪيا ٿم،
ڏِنا تو ٿهڪ جوابن ۾ آهن.

وقت ڪيڏيون وِڇوٽيون ڪري ويو،
هر پَل نيڻ اوجاڳن ۾ آهن.

انتظارن مان راحت هلي آ وئي،
سُڪون هاڻي شرابن ۾ آهن.

منهنجي نِنڊ ڦِٽائي وجن ٿا،
تنهنجا خيال خوابن ۾ آهن.

ڏار ٿي اوهان ڪان پوڳيان اجان پيو،
اجان سُک 'ساگر' جا عذابن ۾ آهن.

§

سُقراط بنجي ڪريو بغاوت.
هوشو جهڙي ڏاريو طاقت.

سنڌ آزاد ٿي ويندي،
پنهنجو پاڻ ۾ آڻيو صداقت.

شاهه سچل ۽ سامي جنهن ۾،
سا رَهڻي آهي ۽ رهندي سلامت.

غير هٿن کان بچائڻو پوندو،
سمجهو هي ڌرتي آهي امانت.

سي سنڌي ’ساگر‘ پيارا ماڻهو،
آهي ٽوپي اَجرڪ جِن جي ثقافت.

§

اکين جا اِشارا نہ سمجهي سگهيا.
الائي ڇو پيارا نہ سمجهي سگهيا.

اسان جا تہ سُڏڪا ستارن بہ سُئا هئا،
مگر پاڙي وارا نہ سمجهي سگهيا.

مان ڪنهن ڪاڻ آڏي اُٿيو ٿو هلان،
گهٽيون، گس چارا نہ سمجهي سگهيا.

اڙي زندگي! تون بہ ڪيڏي ڏُکي،
توکي شاهہ پارا نہ سمجهي سگهيا.

آ لهر لهر ۾ دَردَ ’ساگر‘
سنڌو جا ڪِنارا نہ سمجهي سگهيا.

§

ڪاش جيڪر تُنهنجي اک جو لُڙڪ ٿيان،
ڳِل چُمي تُنهنجا تُنهنجي هنج ۾ ڪِران.

آرزُو مُنهنجي اِها ئي آ پرين،
دِل ۾ تُنهنجي مان رهان ڌڙڪن جيئان.

چا ٿي پيو جي ساهہ سان ناتو ڇِنو،
شل نہ توکي مان ڪِٿي وِسري وڃان.

ٿر جيئان منهنجي اندر ۾ آ اُساٽ،
مِينهن مُحبت جو وَسائين جي پوان.

تنهنجي پُوڄا ۾ ڪمي ڪو پيي تہ رهندي،
پل تہ پيو مان رات ڏينهن سجدا ڏيان.

قرض تنهنجو ڪُجهہ شايد گهٽ ٿي پوي،
جي مان تُنهنجي لاءِ پنهنجو رت ڏيان.

هر ’ساگر‘ سُونهن کي ڀوڙي نٿو،
مان جي تُنهنجي سُونهن اڳيان ڪُجهہ پيي نہ هان.

§

جڏهن جيءُ جُدائي جلائڻ لڳي ٿي.
تڏهن ياد تنهنجي ستائڻ لڳي ٿي.

صدين کان سهيڙي رکيم تولئہ خوشيون،
هوا تِن کي هاڻ اُڏائڻ لڳي ٿي.

اوهان جي پُڄاڻان اسان ڏي نہ آئي،
بهار جي موسم بہ ڏائڻ لڳي ٿي.

ڪائي ترس شايد هو منهنجي ڳوڙهن تي،
ڪڏهن ڪڏهن مونکي کِلائڻ لڳي ٿي.

منهنجي ذات کي ۽ مون 'مور' هاڻي،
تنهائي دِل جي تہ کائڻ لڳي ٿي.

§

جفائون جفائون سارو جڳ جفائون.
هِتي دِل لڳيءَ جون عجب هِن سزائون.

سسئي آهي مومل يا تہ آهي سُهڻي،
قُدرت جو شاهڪار جنهن جون نِگاهون.

ڪُھاڙين جي وِچ ۾ اڪيلي ويچاري،
ناري نماڻي پي ناحق ڪُٺائون.

ريتن جي غلامن مُقدر لِکيا پي،
پوڙهو وَر معصوم کي پي ڏِنائون.

احساس، جذبا ۽ ارمان ’ساگر‘
سوبن پيون بہ بيوس ۽ مجبور صدائون.

§

محبت آ بقا اسان لاءِ ساٿي.
پيار آ خُدا اسان لاءِ ساٿي.

وِک وِک تي هِن ڪاوَا اُپا،
ايذي چو سزا اسان لاءِ ساٿي.

مَچائي ٿي روز محشر نئون،
تنهنجي هر اَدا اسان لاءِ ساٿي.

آ جيون گهارڻ عذاب وانگي،
ها تو سوا اسان لاءِ ساٿي.

’ساگر‘ ڪي بچائڻ جي چاهيو پيارا،
تہ رکجو وفا اسان لاءِ ساٿي.

§

نہ مونکي ڏِنا تو گُلابن جا تحفا.
اکين کي تو ارپيا خوابن جا تحفا.

گُنهگار ئي صحي پُوڄڻ تہ ڏي،
سوا تو نہ گُهرجن ثوابن جا تحفا.

رهَڻ ڏي مون وَٽ هي مون لئہ اهم هِن،
خوشبوءِ، حُسن ۽ ڪتابن جا تحفا.

قسم ساڻ ڏاڍو ايذائن ٿا مونکي،
مون لئہ نہ رک تون حِجابن جا تحفا.

مِليا نيڻ نيڻن سان ’مور‘ جڏهن،
آيا آڏا اڪثر نقابن جا تحفا.

§

پيار چو ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي.
نفرتن جو زور ٿيندو ٿو وڃي.

مون هو چاهيو ڪا گهڙي ماڻڻ سُڪون،
پر مُسلسل شور ٿيندو ٿو وڃي.

ڪوئي ڪنهن کي ڪيئن سمجهائي پرين،
هر ڪو هِت شهزور ٿيندو ٿو وڃي.

هُن کي مون چاهيو سميٽيان ساھ سان،
هو گهٽا گهنگهور ٿيندو ٿو وڃي.

شام جي هر لاٽَ تي ڪوئي پَکي،
مور جي ڪا ٽور ٿيندو ٿو وڃي.

انسان جو انسان سان ايڏو انياءَ
هر آدرش پور ٿيندو ٿو وڃي.

§

مونکي تنھنجي وارن جون ڇائون ٺيون گھُرجن.
اوھانجي اکين ۾ پناھُون ٺيون گھُرجن.

اڪيلائي سان گڏ گُذاريون گھڻو ٺم،
مونکي ھاڻيَ تُنھنجي ئي ٻانھون ٺيون گھُرجن.

ٺوري زندگي ٺئي وِڃائي نہ ويھي،
ڏي پيار مونکي وفائون ٺيون گھُرجن.

اوھان رِيءَ خِزائُن تہ ڇانگي چڙھيو آ،
اڙي بھار! تنھنجون گھٽائون ٺيون گھُرجن.

سڏي پاڻ ڏي 'مور' شرمايو ھو تو،
حيا ۾ جُھڪيل سي نِگاھون ٺيون گھُرجن.

§

توکي ساريَ جانان!
نيڻ مُنهنجا پِنا.

چين دِل کي ناهي،
پَل پرين تو بِنا.

جيئون ڪنهن آس تي،
سارو جِيوَن خِزان.

بَس بچيا هئا اِهي،
ٿَهَڪ تو جي چِنا.

دانهَن ڪنهن کي ڏِيون،
سُور سيني ڏِنا.

§

ياد ٿُنهنجي رُوئاڙي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.
سِڪ تنهنجي ستائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

دِل کي بهَلايو ٿم گهڻو دِل چَري آ مڃين ئي نٿي،
دِل دَر دَر رُلائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

چنڊ ويندو آهي لهي، رات ويندي آهي ٽَري،
جُهوري ٿُنهنجي جاڳائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

هر موسم ۾ هيڪلائي ويهه لڳي ٿي ساري وهي،
دُوري دوزخ مچائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

ڏينهن ڏائڻ وانگي ڏَنگي، رات گهاريا ٿو تارا ڳڻي،
تانگهه ٿُنهنجي تپائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

سوا ٿُنهنجي نہ ساعَت سَري، پَل نہ ٿي ’مور‘ پيارا پري،
هيڪلائي جيءُ جلائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

’ساگر‘ سارين نہ سارين مونکي، مون وِساريو ناهي توکي،
رُوح ۾ سِڪ سمائي ٿي، توڙَي هر هر تڏهن ٿو اچان.

§

توڻي هِن رَتاوان پرين پيرَ پنهنجا.
اسان پر وِساريا ناهِن ويرَ پنهنجا.

اڙانگي سفر تي آهيون پيا نِڪري،
ڏِسون ڪير هَلن ٿا، آهن ڪير پنهنجا.

هوائُن سان گڏجي ڌرتي تي گُهلون ٿا،
ستارن سان گڏ آهن سيرَ پنهنجا.

سَکي جي پوتيءَ سان مُنهَن اُگهہ پلي پر،
پوتيءَ کي ڦاڙڻ لئہ، نہ هٿ هيرَ پنهنجا.

هي سنڌ جي مِٽي آ چُمڻ ڏي مونکي،
مان ميسارڻ چاهيان ٿو سيئي ميرَ پنهنجا.

هي وستيون هي واهَڻ هي جهوپا هي رُوپا.*
هي سنڌ جا سيئي ڳوٺ سڀ ديرَ پنهنجا.

§

* رُوپا ماڙي

نِنڊ جو آ بار اکين تي.
شايد آ ڪا سار اکين تي.

نہ سِندُور تُنهنجي سينڌ جو مان،
نہ ئي ڪجل ڪار اکين تي.

ڏيئي وانگي ڪنهن لئہ ٻَرين ٿي!
آ ڪنهن لئہ لُڙڪن لار اکين تي.

جنهن ۾ تون ناهين او ساجن!
سپنو آ سو گار اکين تي.

چنڊ، اگهڻ، رات ۽ مان،
آسُن جا انبار اکين تي.

تُنهنجي نفرت پيي آ امرت،
تُنهنجا سارا پيار اکين تي.

§

سچ ٻُڌائي ڪنهن کي تون چاهين ٿو مور!
ڏِس لُڙڪ هيڏا ڇو ڀلا واهين ٿو مور!

هو نہ ايندو هاڻي تو وٽ او ڇَريا!
پئہ سُمهين ڏيئو وِسائي، ننڊ ڦِٽائين ٿو مور!

هوءَ چانوَ نہ هُئي ٽُنهنجي نظر جو دُوکو هو،
پاڇَن پويان ڊوڙندي پاڻ وِڃائين ٿو مور!

چنڊ کي چاهڻ ڇڏي ڏي چنڊ نہ مِلندئي،
دوکا ڏئي خُود کي عُمر کُٽائين ٿو مور!

ٽُنهنجي خوابن جي تعبير شال ملئہ او مور!
ڪاڻ جنهن لئہ واٽُن تي نيڻ وِڇائين ٿو مور!

§

ڪير هُن کي چئي،
رات ڪاري هِتي،
پيار جي پنڌ ۾،
رُڳي واري هِتي،
اَنڌ ئي اَنڌ آ،
هر گس هر گهٽي،
ڌُنڌ ئي ڌُنڌ آ،
ڪير سُونهَن کي هِتي،
ناهي سمجهي سگهيو،
پيار کي ڪو هِتي،
ڪيئن سمجهي سگهي،

# نظم

## ديس جو ڪيڏارو

چا چا مان ٻُڌايان توکي پرين!
چا چا ھي ديس تي ويو آ.
ھِت وِک وِک تي ھِن ڪاوا اُڀا.
ھي ديس لڳي ٿو مقتل گاھہ.
پيو رَت اوڳاڇي رَستن تي،
ھر گھڙي لڳي ٿو گھايل آ.
ھي ڌرتي بہ ٿي وئي سوڙھي آ.
ھِت گھُٽجڻ لڳو آ ھر ڪو ساھہ.
لُٽيل لڳي ٿو ھر چھرو
ھر حياتي لڳي ٿو چوري آ.
چا چا مان ٻُڌايا توکي پرين!

دَردَ تي دَردَ ھِي سَھُون بہ ڪيئن،
ھر دَردَ بہ ٿي ويو ٻيڻو آ.
رھي ماٺَ آخر رھَون بہ ڪيئن،
جو ديس اسانجو پيارو ھو.

جو ديس پنائي سارو هو،
سو ديس الائي ڪيڏانهن ويو.
جِت روز صبح جو دَرين مان
ديدار آچيا ويندا هئا،
مَهڪِيل زُلفن جي خوشبوءِ کڻي،
سِج جا ڪِرڻا ايندا هئا،
۽ سَنديس پريت جو ڏيندا هئا.
اڄ ديس هي بدليل پيو ڀاسي،
هر گهٽي اُداسي ڇانئي آهي،
هر چؤنڪ جي زبان بند آهي،
هر دَر دَر جو آ ڪنڊ جُهڪيل،
معصوم صدائون آهن گُهٽيل،
هر موڙ مَٿي ڪو گُل ڇِتيل،
ڪا چِيخ هوا ۾ اُڏري آ.
پيو دَردَ هي ڊوڙي رستن تي،
پيو خون وَهي ٿو گٽرن ۾،
هي ديس رَتو رَت سارو آ.
ڇا ڇا مان ٻُڌايان توکي پرين!
ڇا ڇا مان ٻُڌايان توکي پرين!.
§

## آءُ تہ اچ ڪان هڪ ٿي وڃُون

اي ڪاش جي تون مِلي پوَين،
پوءِ هي زِندگي ڏِسجان پرين،
گُلابن جي مُکڙين جيئان مَهَڪندي،
۽ پيار پنهنجو پوءِ ڏِسجان پرين،
مَهندي جي هُٻاءُ ۾ واسجِي،
گهٽي گهٽي ۽ گهر گهر ۾،
فِضائُن سان گڏجي ويندي ڦهلجي،
۽ صبح سمورا پنهنجي زندگي جا،
ماڪ ۾ وِهنتَل اُجرا ئي هوندا،
شامون بہ پنهنجون رنگين هونديون،
سينگاريل سُهاڳ رات جي سيج وانگيان،
چاندوڪِيون اچي پو پنهنجا پير چُمنديون،
۽ سمندر جو لهَرون پنهنجا گيت چونديون،
آءُ تہ اَچ ڪان هِڪ ٿي وڃُون،
آءُ تہ اَچ ڪان هِڪ ٿي وڃُون

§

## لڳي ٿو مُوئن جو دَڙو ٿي رَهيو هان

اي چنڊ! ملڻ جي پرين تہ چئجان،
سَوا تُنهنجي هَر پَل اُداس آهيان،
نہ بهارُن جي موسم کي ماڻي سگهيو هان،
نہ ئي پاڻ کي مان سنڀالي سگهيو هان،
رُڳي اَجايَن خوابَن جي پويان،
صحرائُن ۾ پاڻ کي رولِيَ رَهيو هان،
اي چنڊ! ملڻ جي پرينءَ تہ چئجان.

جڏهن کان اَوِهين وڃين دُور ويٺا،
سُورن مٿان ڏئي وڃين سُور ويٺا،
تڏهن کان دِل جو دامَن چاڪَ آهي،
خوشي مُنهنجي هرڪا ٿي خاڪ آهي،
بيوَسي جي پاڪُر ۾ قيد آهيان،
اي چنڊَا! ملڻ جي پرينءَ تہ چئجان.

سوَا تُنهنجي سِينگار اُجڙي ويو آ،
عشق جي آتش ۾ سيڪُجھ هاڻي،
لڳي ٿو سڙي رَکَ ٿي رَهيو آ،
تنهايَن جي ٻانهُن ۾ وجُود آ واڙيَل،
لڳي ٿو مُوئن جو دَڙو ٿي رَهيو هان،
اي چنڊَا! ملڻ جي پرين تہ چئجان،
اي چنڊَا! ملڻ جي پرين تہ چئجان.

§

# ڪِرڻا سِج جا

چا چندَ جي چانڊاڻ آ،
هِير ڏَڪڻ پئي گهُلي،
وار ڪُوليَ تو چِڏيا،
وينيئن اچي گوڏو گڏي،
هِي نيڻ ٻَئي ساغر پريَل،
مَڌَ تِن مان پئي ڳڙي،
چَڻ برف ۾ باهہ لڳل،
او پَدَمَڻي تُنهنجو بَدَن،
تُنهنجو ڏِسڻ تُنهنجو کِلڻ،
مُرڪو ڪري گُلڙا چَڻَڻ،
بادَل جيئان گرجي وَسَڻ،
هو چندَ جو گُهوري ڏِسڻ،
هِي، راتَ ڀي چا راتَ آ،
پر دِل پئي چاهي چوالئہ،
پِرهہ ڦُٽي جلدي ڦُٽي،
راتيون نہ گُهرجن ٿيون مِٺي!
باتيون نہ گُهرجن ٿيون مِٺي!
ڏرتي پئي کِسڪائي وِجي،
ڏرتي پئي ڳِڙڪائي وِجي،
ڏِس! وات ڦاڙي هو وڏا،
واڳوئن وانگر هو اُٿيا،
تون چئہ ڀلا مان ڪيئن وِيهان،

تو ساڻ گڏجي ڪيئن ڪِلان!
پاڻي پيي روڪِيو پيو وچي،
نعرو يزيدي هو هڻي،
سنبري اُٿيا آهِن ڪُتا،
ڏيمر ناهِڻ لئہ سيئي،
گڏجي آهِن پوئنڪڻ لڳا،
تون چئہ ڳنن تي هَٿ ڏري،
ويهون تہ ويهون ڪيئن مِني!
ڌرتيءَ سڏڙا پئي ڪري،
اُٿ جلدي اُٿ مِني!
هو ڏِس! ڪِرٽا سِج جا،
دَر ڏي پنهنجي پيا اَچن،
تِن جي ڪيون بئي آجيان،
هو ڏِس! ڌرتيءَ جا ٻچا،
اُوڏي ڳُلهن تي اَجرڪُون،
ڳُونڌَر††† ڪري هُو قافلا،
سنڌ بچائڻ هِن اُٿيا،
تَيج ملهائڻ هِن اُٿيا،
پاڻي ورائڻ هِن اُٿيا،
تِن جي ڪيون بئي آجيان،
اُٿ جلدي اُٿ مِني!
اُٿ جلدي اُٿ مِني!

§

---

جسقم جي اُنهن جوڌن جي نالي جن پاڻي ورائڻ لاءِ اجرڪون اوڍي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان مرڻ گهڙي تائين بُک هڙتال ڪئي.

## شام جهڙي ڪُنوَار

تون شام جهڙي ڪُنوَار
ٻِ اِندلٺيِ رنگ سمورا،
تُنهنجي بدَن ۾ پريَل لڳن ٿا،
هي واسينگ وار ور ڏئي،
تُنهنجي ڳِلن تي پيا لَڙي،
تُنهنجا ڳِل وارن منجهان،
ايئن لڳن ٿا چَڻ،
چندَ لنگهي ڪڪرن منجهان،
تُنهنجا قاتل اِهي نيڻ ٻئي،
تيز تِيرَن کان لڳن ٿا،
چَپ چوريَ ڪُجهه چيو تو،
چَپ تُنهنجا گُلاب پَتيون،
تُنهنجو مُرڪڻ او مِٺي!

جَڏِ دُور ڪو گُل هو کِليو،
او قاتل ادائُن جي مالڪ،
ويٺي ويٺي ڪنهن خيال ۾،
چِرڪ پري تون اُٿيئن،
ڇاتي تُنهنجي ايئن ڇُلڪِي،
جيئن تيز هوا جي جهوٽي تي،
لُڏَن گُل رابيل جا،
چيلهه ٿئي سنهڙي صفا،
ڇا حُسن توکي مِليو،
پر ٻُڌ! او چنچل ڇوڪريءَ،
تُون پنهنجون اِهي سمُوريون،
رنگتُون ۽ خوبصورتيون،
رَکَ سنڀالي تون پاڻ وٽ،
مون وَٽ تُنهنجي اهميت اِها آ،
رنگ بہ رنگي گُلن سان سجايَل،
هڪ خوبصورت گُلدستو آهين،
چو تہ تو وَٽ پيار جي اهميت نہ آ،
مُحبت مان تون ڄاڻين ڪِٿي،
تُنهنجي دِل پٿر جي آ.
تُنهنجي دِل پٿر جي آ.

§

## تُنهنجو آهي ايمان پئسو ئي پئسو

تون مونکي پليِ چئو ڪافر پر ٻُڌ!
انسان تون ۽ پي ناهين چوان ٿو،
تُنهنجو آهي ايمان پئسو ئي پئسو
منهنجو آهي مذهب عشق محبت.
توکي ڪار بنگلو بنائڻ جي ڳڻتي،
مونکي پيار پائڻ وِرهائڻ جي خواهِش،
تون آسمان تي ٿو اُڏرڻ گُهرين،
مان ڌرتي کي ٿو ٻئي ٻَک وِجهان،
تون مُلئون مُفت جا وينو طعام کائين،
تون قاضي ٿو ڪُوڙي عدالت هلائين،
تون سيٺ ٿو پورهيت جو پيٽ چيرين،
مان ڪنهن ڏُکويل جي اَک مان،
پَٽ تي ڪِريَل ڳوڙهي جيان،
مُنهنجو مُقدر پلي چئو مِٽي آ،
مگر هي مِٽي مونکي ڏاڍي مِٺي آ.
تُنهنجي سونَ چاندي کان وڌَ سُٺي آ،
تُنهنجي ۽ مُنهنجي ياري ڪانہ ٿيندي،
توکان مونکي نفرت آهي ۽ رهندي،
تو ۾ ۽ مون ۾ وڏو فرق آهي،
تون مونکي پلي چئو ڪافر پر ٻُڌَ
انسان تون پي ناهين چوَان ٿو،
تُنهنجو آهي ايمان پئسو ئي پئسو
مُنهنجو آهي مذهب عشق محبت.

§

# مان ۽ مُنهنجي تنهائي

رات بہ ڪنهن جي يادَ آئي،
خيالن جي ڪُوهہ ۾،
ٻُڏندو رهيس ترندو رهيس،
رات بہ ننڊ ڪانہ آئي،
دَر دَريون کوليَ ڇڏيم،
چين پو ڀي ڪونہ مِليم،
خيالنَ ۾ اچان هُيس گُم سُم،
دُور ڪوئي آواز ٻُڌم،
سِڪ جو جَڙ ڪو ساز ٻُڌم،
ڇُوڙين جي هُئي ڇَن ڇَن،
۽ پايَل جي هُئي ڇَم ڇَم،
ڇِرڪَ ڀَري ٿو اُٿان،
ڊوڙي دَر تي ٿو پهچان،
هيڏانهن هوڏانهن اِيئن ڏِسان پيو
جَڻ ڪوئي چورَ هُجان،
ناڪام نظرُن ڪُجهہ نہ ڏِٺو
ڪنن کاڌو هو شايد دوکو
بيوَسي جي عالم ۾،
ٿِڙندو ٿاٻڙندو،
ڪمريَ ۾ داخل ٿيس،
منهنجوئي انتظار هُيس،
مونکي ڏِسي هوءَ مُرڪي پئي،
ٻہ لُڙڪ هاري ٻَک وِڌاسين،
بيڊ تي ليٽي پياسين،
مان ۽ منهنجي تنهائي.

§

## هِتي بيوَسَن جو گُذر نہ آ

هِي بيحِسن جو شهر آ،
هِتي بيوَسَن جو گُذر نہ آ،
هِتي ڪنهن کي ڪنهن جو ناهي غم،
هِتي هر ڪو پنهنجي ۾ مَگن،
هِتي گهاوَ پنهنجا هَلو ڍِڪي،
نہ مسيحا ڪو نہ مرهَم هِتي،
هِتي دِل ڪوئي لڳائي مَتان،
۽ روڳ ڪوئي پائي مَتان،
هِتي سهڻو ڪوئي پَهر نہ آ،
۽ پيار وارِي نظر نہ آ،
هِتي لُڙڪ ڪو هاري مَتان،
۽ ڪنهن کي ڪو سارِيَ متان،
هِتي شهر جي هر گهِٽي اندر،
رڳو ئي وحشتون ٽيون رڙن،
هِتي پيار کي ڪا پناهہ نہ آ،
هِتي روز مُحبتون ٽيون مرَن،
ٽيون سوچون سِگريءَ جيئن سڙَن،
ٽا جذبا ٽاندن جان ڏکِن،
پر آهُن ۾ ڪو اثر نہ آ،
هِتي بيوَسَن جو گُذر نہ آ.

§

# فراموشي

او سنڌوءَ کي ڄيجَل سڏيندڙ سنڌيو!
اوهانجي اَڄ ڄيجَل ماءُ کي،
لڳائي حرامين چِڏيو داءُ تي،
اڃان ڀي اوهانکي ننڊ آهي شايد،
اوهانجي ضمير جو دام ڇا؟
اڃان تائين صحي نہ مُقرر ٿيو آ.
ڪا تہ ڳالهہ آهي جو خاموش آهيو.
يا سنڌوءَ جي سوَين احسانَن کان،
لڳي ٿو اوهان فراموش آهيو
وري اَڄ حرامين جي آجيان ڪريو پيا.
ڪالهہ جِن ڪراچي کي ڪَربُ بَلا بنايو
سوَين بي گُناهَن جو خون جِن وهايو
اسان جي نياڻين ننگن ڏانهن تڪيو جِن،
اسان جون اوهانجون عزتون لُٽيون جِن،
اُهي اَڄ اوهان جا ڀائر ڪيئن ٿي پيا.
لڳي ٿو اوهانجا زخم ڀَرجِي ويا هِن،
يا اوهانکي ڪنهن لالچ جي اَنڌَ ۾،
ٿيَل ويلَ سنڌوءَ سان، وِسري ويا هِن،
جي سنڌوءَ جي سُونهَن جا مُنڪر آهن،
اصل ۾ اُهي ئي تہ ڪافر آهن،
ڪافر ڀلا ڪيئن سچا ٿي سگهن ٿا.

§

## هوءَ جا ماري وئي

ڪيڏي پياري هُئي،
سُونهَن هُن جي چَڙهه،
سنڌ ساري هُئي،
هُوءَ جا ماري وئي،
ڪالهه ڪاري ڪري،
پر هُوءَ ڪاري نه هُئي،
نيڻ هُن جا گهرا،
هُئا ڪينجهر جيان،
جنهن جي ڪِنارَن مَٿي،
خواب ڪچَڙا ڪيئي،
هُن هُئا پوکي رَکيا،
هُن هو سوچيو ڪڏهن،
وقت کان ايئن اڳي،
ڪنوَل خوابنَ سندا،
ڪينجهر نيڻن مَنجهان،
وِيندا اِيئن پَٽجي،
ڏُوڙ مَنجهه لَٽَجي،
دِل جي شاهراهه مَٿي،
قبر ٿي پوندا،
ساپيان کان ٿي اڳي،
ڪير هُن کي چٿي،
رات ڪاري هِتي،
پيار جي پنڌ ۾،
رُڳي واري هِتي،
اَنڌ ئي اَنڌ آ،
هر گس هر گهٽي،
ڌُنڌ ئي ڌُنڌ آ.

ڪير سُونهَن کي هِتي،
ناهي سمجهي سگهيو
پيار کي ڪو هِتي،
ڪيئن سمجهي سگهي،
هٿ نوڪيون هِتي،
رڳو رسمون جُڙيل،
ڪوڙِين رسمُن ڪان،
هُن هُئي بغاوَت ڪئي،
جَڙ عبادت ڪئي،
هوءَ تہ سُهڻي هُئي،
دهشت درياءَ سندي،
هُن نہ پرواهہ ڪئي،
هُن تہ ڏونگر ڏوريا.
هوءَ تہ سَسُئي هُئي،
عِشق ئي عِشق هُئي،
هِير هُڳاءُ جيان،
اُتر جي واءُ جيان
مُومَل جو ماڻُو هُئي،
سُر راڻوُ هُئي،
شاهہ جي وائي جيئان،
هُوءَ تہ پياري هُئي،
سُونهَن هُن جي جَڙ،
سنڌ ساري هُئي،
هُوءَ جا ماري وئي،
ڪالهہ ڪارِي ڪريَ،
پر هُوءَ ڪارِي نہ هُئي،
پوءِ بہ مارِي وَئي.

§

هر اُن معصوم عورت جي نالي جنهن کي ڪاري ڪري ڪُٺو ويو.

## ڪو مورَ وري ماريو ويو

پڙهيَم اَڄ اخبار جو
لُڙڪن جو وَهَي واهہ پيو
ڪا خاص سُرخي هُئي لِکيل،
ڪو جِسم هو پاهہ ٿيل،
ڪو گهوٽ‡‡‡ هو رَت ۾ ٻُڏل،
ڪو گهر سارو هو ڊِٺل،
اونداهو سارو شهر هو
ڪيڏو ٿيو قهر هو
اي ڪلاچي! تُنهنجي ڪُن ۾،
هِڪ دؤر دُهرايو ويو
ڪو مور وري ماريو ويو
رَت وري هاريو ويو
ڪيڏو آهي سانحو ٿيو
جيجَل سنڌوءَ سان وري،
ڪيڏو آهي هاڃو ٿيو.
§

‡‡‡ شهيد مير بابا جي قتل جي خبر پڙهڻ کان پوءِ

## ڪونہ جُهڪيا

او ظالِم تُنهنجي ظُلم اڳيان،
جيءُ هزارين جُهري پيا،
تو گهاوَن تي پي گهاوَ ڏِنا،
تنهنجي گهاوَن تي ڪي ساهہ ٽُٽا،
تو روڳن تي راتاهہ هنيا،
تو گَسن تي ڪي گهوٽ ڪُٺا،
پر ڪونہ جُهڪيا پر ڪونہ جُهڪيا،
او ظالم! تنهنجي ظلم اڳيان،
سِر اُنهَن جا سنوان هُيا،
سِر اُنهَن جا سنوان هُيا.

§

## توکان پَريَ جو آهيان

هِي نيڻ تنهنجا پاڳل،
ٿا رات ساري جاڳن،
بارش جيان ٿا بَرسن،
بي چين ذهن پنهنجا،
هِن لوڪ تي ٿا سوچين،
هِي لوڪ جو ازل کان،
پيار جو آ ويري،
هي دِل بہ چَري آ،
هَر رات ڏيئي وانگي،
تنهنجي ياد ۾ ٻَري آ،
ڪو چين پيي تہ ناهي،
ڪا پَل نہ سَري آ،
توکان پَري جو آهيان،
توکان پَري جو آهيان.

§

# اکيون

الائي ڪِٿ اُهي اکيون،
حياءَ سنديون هُيون نَديون،
نہ بيقراري هُئي منجهن،
نہ تانگهہ تڙپ ۾ لُڇيون،
پَر جوڀن جام کي جذهن،
هوا تاوَليون پي پُر ٿيون،
۽ پيار جي خُمار ۾،
مَست ٿي اُٿيون تہ پو
زندگي جي ڪمانَ مان،
تيرَن جان پيون ڇُٽي،
۽ اوچتو ئي اوچتو
خبر نہ ڪا پَئي ۽ پو
گهايَل پَسي پاڻ کي،
ڏِٺم تہ جوڀن جا سمورا،
خواب آئينا اکين اندر،
ٺُڪَل پَڪڙيل ئي مِليَم،
تِن ٺُڪَل ٺُڪرن ۾ اسين،
ٿا تير تِن نيڻ سندا،
وري بہ ڳولڻ چاهيون،
پر الائي ڪِٿ اُهي اکيون،
الائي ڪِٿ اُهي اکيون.

§

# رُڳو ئي دَردَ جون گهڙيون

رُڳو ئي دَردَ جون گهڙيون،
رُڳو دِلين ۾ ساڙَ آ،
اڱڻ اڱڻ اُجاڙ آ،
نہ پَهَر ڪوئي پيارَ جو،
نہ سحَرَ ڪوئي سُڪونَ جو
آ جِيوَن جنگ ميدان جان،
جنهن جي هَر موڙ تان،
هَر پَهَر لَڙي لَڙي،
حياتي هارائي آ رَهي،
پوءِ بہ دِل هِي بي چئي،
مَجيَ نٿي هِن هارَ کي،
اجان بہ گهڻو ناز ٿس،
پرينءَ اوهان جي پيار تي،
توڙي جو ڪُند ذهَن هِتي،
پيارَ جي هَر راهہ تي،
وَڏيون رُڪاوَٽون ٿا وِجهن،
بي نانءُ غيرت جو پاند پَڪڙي،
محبتن کي موتَ ڏين ٿا،
پوءِ بہ پيارَ زندهہ رَهَن ٿا،
پوءِ بہ پيارَ زندهہ رَهَن ٿا.

§

## اوَهان جي پُڄاڻان

اوَهان جي پُڄاڻان اسان پاڻ کي،
ڪو مضبوط پٿر نہ بڻائي سگهياسين،
اَجايو راهُن ۾ رُلجِي وياسين،
غمنَ جي ڪِناري جو پُهچي ڏِنوسين،
اسان جو جِيوَن جڻ هو پاڻي مَٽي،
چَٽيل ڪنهن خِزان ۾ پَتي جان،
جو هَر هَر هوا جي جهونڪي تي،
پُڏي تَري ڪنهن ڪِناري لڳو ٿي،
اوَهان جو چاهِيو ٿي اسان ڪونہ هُئاسين،
تڏهن تنهنجي نظرن کان اوجهل ٿياسين،
تڏهن تنهنجي نظرن کان اوجهل ٿياسين.

§

وَجيَ سِجَ لهَي ها انهيءَ کان اڳي،
ڳولي منزل لهَون،
پيار جي پنڌ ۾.

# وايون

سنڌوءَ جي ڪَپن تي،
اوَهين يادَ آيا.

جڏهن شام لالي لڳائي لَبَن تي،
اوَهين يادَ آيا.

بادَل ڪي وَسنديَ ڏِنم جو پٽُن تي،
اوَهين يادَ آيا.

ڏِني مون جو مهندي ڪنهن جي هَٿن تي،
اوَهين يادَ آيا.

نظر جو ڪئي مون پُراڻَن خطن تي،
اوَهين يادَ آيا.

ڪوئي گيت جڏهن بہ آيو چَپَن تي،
اوَهين يادَ آيا.

§

صبوح جي سُرهاڻ ۾،
شام لالاڻ ۾،
پاڻ مِلنداسين.

ٻنوَرا تي گُلڙن مٿان،
سرنهَن پِيلاڻ ۾،
پاڻ مِلنداسين.

اَڇجائين ٿُون لوڪَ سُتي،
چندَ چانداڻ ۾،
پاڻ مِلنداسين.

ٿُون 'سُونهَن' ۽ مان 'ساگر'،
مَستي مهراڻ ۾،
پاڻ مِلنداسين.

§

سب رَنگ سهيڙي پيارَ جا پرين،
اَڄ نِڪري هَلون،
پيار جي پنڌ ۾.

وَڃيَ سِجَ لهَي ها انهيءَ کان اڳي،
ڳولي منزل لَهَون،
پيار جي پنڌ ۾.

ڌرتي بہ پنهنجي پٿون پيرَ پنهنجا،
سِتم ڇو سهَون،
پيار جي پنڌ ۾.

هٿ هٿ ۾ ڏئي سنڌ جي سينڌ تان،
سِر گهوري ڇڏيون،
پيار جي پنڌ ۾.

تو جاڻيَ خُدا ڪِنهن ڪِنهن کي ڪُنو،
ڇڏ ڪنهَن کي ڇئون،
پيار جي پنڌ ۾.

پَهَر ڪو پَري هِڪبئي کان رَهون،
جَڙ زهر ٿا پيئون.
پيار جي پنڌ ۾.

§

سامهون اچي ويهہ،
ڏِل ٿي چئي،
وائي هِڪڙي لِکي وٺان.

محبت جو ٿيندو ناهي ڇيهہ،
ڏِل ٿي چئي،
وائي هِڪڙي لِکي وٺان.

توڙي ڏِل پوءِ ڏي نہ ريهہ،
ڏِل ٿي چئي،
وائي هِڪڙي لِکي وٺان.

تو ٻِن جيئڙو جيهڙو ليهہ،
ڏِل ٿي چئي،
وائي هِڪڙي لِکي وٺان.

§

نيڻ برسي پيا منهنجا،
جنهن وقت مونکي ياد آئين!

ٻُڌندو ڏِسي سنڌوءَ ۾ سِج کي،
چِرڪَ نِڪري ويا مونکان،
جنهن وقت مونکي ياد آئين!

تنهنجي جُدائي تي سوچي سوچي،
ٻُڌائي پلا ڪيئن نہ تڙپيان،
جنهن وقت مونکي ياد آئين!

اُداس اڱڻ مان چنڊ تڪيندي،
ياد روئي پئي مونسان،
جنهن وقت مونکي ياد آئين!

§

پيار جا گهٽجي ويندا سِلسلا،
مون چو ڪونه سوچيو.

مان خوابن جي آغوش ۾ ئي سُتس،
خوابن جا لُٽبا آهن قافلا،
مون چو ڪونه سوچيو.

نه ڄاتم وِڇوڙي جو ايندو موسم،
آڻيندو ساڻ رڳي زلزلا،
مون چو ڪونه سوچيو.

نيڻ سامهون رکيئي مان پيئندو رهيس،
پيئندي پيئندي ويا حوصلا،
مون چو ڪونه سوچيو.

توکي پنهنجو سمجهي مون ڇا ڇا ڪيو،
تون ته رکندين رِشتن جا فاصلا،
مون چو ڪونه سوچيو.

§

گوريِ تنهنجي چوٽيءَ ۾،
موتيو لڳل،
تڙپائي ٿو

اک ڪاريءِ ٻيو اُن ۾،
ڪاني ڪجَل،
تڙپائي ٿو

ڪنهن جوڀن جواني جو
هاءِ اَجَل،
تڙپائي ٿو

هُوءَ جو ناهي باقي خالي،
بيڊ سَجل،
تڙپائي ٿو

چانڊوڪيءَ ۾ وار وِکيري،
ڪوئي سُتل،
تڙپائي ٿو

سچ پُڇين اي دوست! تنهنجو
مُنهن لَٿل،
تڙپائي ٿو

مُئي پُڄاڻان پوءِ اڱڻ تي،
ميلو متَل،
تڙپائي ٿو

§

اکين جي اُپ تي لُڙڪن جون لارون،
تنهنجون سارون.

تنهنجي ياد خنجر، ڪئي دِل قارون،
تنهنجون سارون.

مينهن جاڻ آيو تاڙي تنوارون،
تنهنجون سارون.

چنڊ اُيري هن، مون ڏي اُماڻيون،
تنهنجون سارون.

سانجهي ويلي اڱڻ مٿان، پکين اُڏارون،
تنهنجون سارون.

پيٽڪي بادل لئہ ڪارونجهر تي، مور پُڪارون،
تنهنجون سارون.

ڪوئي روز جهونگاري وينو شاهہ جون وايون،
تنهنجون سارون.

چُمان وينو جي خط ۾ تو مُڪيون نيهارون،
تنهنجون سارون.

تون آئين اڱڻ تي، ٿي ويون بهارون.
تنهنجون سارون.

§

منهنجي نيڻن جو ڪتاب،
ڪنهن ٻيءِ ناهي پڙهيو.

زندگي ڪيڏي مُنجهيل آ،
جڻ آلجبرا جو حساب،
ڪنهن ٻيءِ ناهي پڙهيو.

ڇُهَڻ ڪان پوءِ ڇوڪريءَ جي،
ڪنوارپَڻ جو حجاب،
ڪنهن ٻيءِ ناهي پڙهيو.

ڊانهون ڪيڏيون ڏيائي ٿو هي،
آڌي رات جو نقاب،
ڪنهن ٻيءِ ناهي پڙهيو.

§

مِٺا تون وري آ،
جياپو ٿو جهوريَ.

سنڌءِ سِڪ ۾ ٿي،
دلڙي چري آ،
مِٺا تون وري آ،
جياپو ٿو جهوريَ.

توکان ڌار ڪوپَل،
ڪانہ سَري آ،
مِٺا تون وري آ،
جياپو ٿو جهوريَ.

ڏِکي جُدائي ۾ ڪو،
ويندو مري آ،
مِٺا تون وري آ،
جياپو ٿو جهوريَ.

تولئہ 'مور' دِل هي،
اُجهامي ٻَري آ،
مِٺا تون وري آ،
جياپو ٿو جهوريَ.

§

تنهنجا هٿ مهندي رَتل،
ٻُڌائن ٿا،
منهنجي پُڄاڻي.

ماڻهَن جي اکين ۾ زهر پريل،
ٻُڌائن ٿا،
منهنجي پُڄاڻي.

پريت راهُن تي ڪنڊا پکڙيل،
ٻُڌائن ٿا،
منهنجي پُڄاڻي.

پنڌ پري آ، منهنجا پير ٿڪل،
ٻُڌائن ٿا،
منهنجي پُڄاڻي.

جوڀن گُذري ويو آ باقي پَل،
ٻُڌائن ٿا،
منهنجي پُڄاڻي.

§

ڪاش جي تون مِلي پوَين،
سپنا ماڻين ساپيائون.

زندگي جي ڏُور سفر ۾،
قدم ڪي ٻہ هَلي پوَين،
سپنا ماڻين ساپيائون.

برکا رُت جيئن بَرسي مون تي،
ساگر وانگيان ڇُلي پوَين،
سپنا ماڻين ساپيائون.

گُھٽجڻ لڳو آ ساهہ مُنهنجو.
گهٽا ٿي جي گُهلي پوَين،
سپنا ماڻين ساپيائون.

ٿڪ ناهن تڏهن روئان پيو.
ٿورو جي تون کِلي پوَين.
سپنا ماڻين ساپيائون.

§

وِک وِک تي عذاب ڀوڳيا تم،
مون کان نہ پُڇ منهنجي ڳَتا.

ٻين جا ڏُک پنهنجا ڀانئين،
دَردَ دِل ۾ کوڙ سانڍيا تم،
مون کان نہ پُڇ منهنجي ڳَتا.

مئڪش دُنيا جي مئخاني ۾،
ڪهڙا ڪهڙا جام ڏوڪيا تم،
مون کان نہ پُڇ منهنجي ڳَتا.

ڪنهن ڪاڻ جيئڻ خاطر مون،
اکين مان رَت ڦُڙا هاريا تم،
مون کان نہ پُڇ منهنجي ڳَتا.

§

ساري هي زندگي،
مان توکي ٿوارپيان.

ڪٽي وچ تون مون ڪان،
منهنجي هر خوشي،
مان توکي ٿوارپيان.

راتيون جاڳي جيڪا لِکيم،
سا سيئي شاعري،
مان توکي ٿوارپيان.

خوشبوءِ بچائي ڀنوَرن ڪان،
تولئہ ٿم رکي،
مان توکي ٿوارپيان.

تون رڳو اچ منهنجي اڱڻ،
ڏِس چا چا مِٺي،
مان توکي ٿوارپيان.

§

عڪس تنهنجا ٿا رَهن،
منهنجي نيڻن جي اندر.

توسان مِلڻ جا خواب سمورا،
ڏيئن وانگي ٿا ٻرن،
منهنجي نيڻن جي اندر.

تنهنجا پيار نہ وِسارڻ جهڙا،
گُلن جيان ٿا ٽِڙن،
منهنجي نيڻن جي اندر.

چو ٿو ڏُور گُذارڻ چاهين،
لُڙڪ پرجي ٿا اچن،
منهنجي نيڻن جي اندر.

§

ساگر جھڙو پنھنجو پيار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
ڌڙکن منھنجي دِل جي تون،
ھر پَل تنھنجي سار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
ٿاڪَ منجھند شام ٿي ويندي،
کولي اَچ تون وار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
پريت راھُن ۾ اَڏيل جيڪا،
ڍاھي سا دِيوار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
جنم جنم کان پنھنجو ناتو
ڪير ڪري سگھندو ڌار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
تولءِ جاڳي راتيون گھاريم،
شاھد چنڊ تارا يار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.
جِتي 'ساگر' پيار ئي پيار آ،
آءُ ھلون اُن پار،
آءُ تہ ماڻيون منزل کي.

§

آب اکين مان جاري آهي،
لُڙڪن لارون،
اڄ ڏِسيِ وَڄ.

تولِءِ مان تڙپيو آهيان،
سُڏڪا سارون،
اڄ ڏِسيِ وَڄ.

هُوءَ ايندي مون ڏي ايندي ضرور،
پُور پَچارون،
اڄ ڏِسيِ وَڄ.

تو بِن مون کي کائڻ لڳن ٿيون،
دَر ديوارون،
اڄ ڏِسيِ وَڄ.

§

هر پَل توکي ساريان ٿو
چا تون سارئين سگھندين؟

تعبيرن کان اڳ ۾ گُھٽي،
خواب ڪيترا ماريان ٿو
چا تون سارئين سگھندين؟

پيار گسن تي ڪنڊا پکڙيل،
رَت ڦُڙا جي هاريان ٿو
چا تون سارئين سگھندين؟

توکي سارينديءَ او ساٿي!
ڪيڏا لُڙڪ لاڙيان ٿو
چا تون سارئين سگھندين؟

تنهنجي وئي کان پوءِ تنهنجون،
راهون روز نهاريان ٿو
چا تون سارئين سگھندين؟
§

ڇُهتي پئي ڳِلن تي،
ڇَپَن جي سُرخي.

گهاوَ ڇُمي تي ايئن لڳي ٿو،
جڙ آ گُلن تي
ڇَپَن جي سُرخي.

شفق جو عڪس لڳندو آ اڪثر،
سنڌو جي ڪپن تي،
ڇَپَن جي سُرخي.

مُڪيون هِن مون ڏي چُميون تو شايد،
لڳل هئي خطن تي،
ڇَپَن جي سُرخي.

گهرا گهاوَ پلا ڪيئن نہ پربا،
لڳي جو ڦٽن تي،
ڇَپَن جي سُرخي.

§

ڪيڏو درد سمايل آهي،
جيوَن جي هِن باب ۾.

هو جو مون کان ڌار رهي ٿي،
ساهه منهنجو سڪايل آهي،
جيوَن جي هِن باب ۾.

ڇو پيا ڏسيو ڪينجهر، منڇر!
روح ٿر اُجايل آهي،
جيوَن جي هِن باب ۾.

ڪي روز مِلن ٿا پيار ڳن ٿا،
ڪو صدين کان ستايل آهي،
جيوَن جي هِن باب ۾.

نوان زخم ڏئي پلا ڇا ڪندين؟
’ساگر‘ اڳ ئي گهايل آهي،
جيوَن جي هِن باب ۾.

§

ڏِني ڏينهن ٿيا،
نيڻ روئندا رهيا،
تون نہ آئين اجان،
تون نہ آئين اجان.

مِينهِن وسندا ويا،
من اڱڻ مٿي،
ٽانڊا ٻَرندا رهيا.
تون نہ آئين اجان،
تون نہ آئين اجان.

ڏينهن گُذرن نٿا،
رات چنڊ تڪي،
لُڙڪ ڪرندا رهيا،
تون نہ آئين اجان،
تون نہ آئين اجان.

چاهہ چُمندا هيا،
’ساگر‘ سُڏڪا پري،
چَپَ پُڇندا رهيا،
تون نہ آئين اجان،
تون نہ آئين اجان.

§

نيڻن جي خوابن ۾،
هُوءَ مونکان گُم ٿي وئي.

اڳي ايئن نہ ويڙهي آئي،
لڪائي نيڻ نقابن ۾،
هُوءَ مونکان گُم ٿي وئي.

ويس پاتل ٿس شام جهڙو،
گُلن ۾ گُلابن ۾،
هُوءَ مونکان گُم ٿي وئي.

ڌُنڌلو ڌُنڌلو عڪس هُن جو
يادن جي طوفانن ۾،
هُوءَ مونکان گُم ٿي وئي.

بدن، بُت چانڊوڪيءَ جهڙو
’ساگر‘ سنڌو ڪنارن ۾،
هُوءَ مونکان گُم ٿي وئي.

§

اڱڻ، مان ۽ چنڊ،
توکي ساريون ٿا.

تنهنجي يادن کي او سائين!
ڏيئي پنهنجي جند،
توکي ساريون ٿا.

تڙپائيندي آ تو سوا،
هاءِ هرڪا مُند،
توکي ساريون ٿا.

گهٽيءَ منجهه اٽڪائي اکيون،
ويهي تي آڳند،
توکي ساريون ٿا.

هر پَل ياڪُر منجهه پڪوڙي،
تنهنجي ياد سُڳند،
توکي ساريون ٿا.

§

برسات وَسي ٿي،
روئي دل اسان جي،
تو بِن سَڪي!

وُٺي جي هوا ۾ خوشبوءِ آ تنهنجي،
روئي دِل اسان جي،
تو بِن سَڪي!

تنهنجو حُسن جڻ ڪنوڻ چمڪي ٿي،
روئي دِل اسان جي،
تو بِن سَڪي!

آڌي رات جو ياد تنهنجي اچي ٿي،
روئي دِل اسان جي،
تو بِن سَڪي!

’ساگر‘ توکي ساري روز تڙپي ٿي،
روئي دِل اسان جي،
تو بِن سَڪي!

§

اچ تہ مِلون،
راتِ جي روح ۾.

گڏجي ٻئي دور هلون،
رات جي روح ۾.

پنهنجو پاڻ وڃائي ڇڏيون،
رات جي روح ۾.

چاهہ سان چاهہ کي چُمون،
رات جي روح ۾.

’ساگر‘ توسان گڏجي جِيون،
رات جي روح ۾.

§

تنهنجي مُرڪن جي،
ڇا ڳالهه ڪجي.

تنهاين جا ساٿي هِن،
تنهنجي خطن جي،
ڇا ڳالهه ڪجي.

چنڊ پويان ڪڪر چڙهڻ،
تنهنجي زُلفن جي،
ڇا ڳالهه ڪجي.

ٻُوڙي لوڙهي ويا مونکي،
تنهنجي نيڻن جي،
ڇا ڳالهه ڪجي.

§

اڪثرين جا بند سپ،
پڄي اڄ پيا،
ڏِسي پاڻ اڪيلو.

تنهنجي ملڻ جا خواب سجايل،
ٽُٽي اڄ پيا.
ڏِسي پاڻ اڪيلو.

ساريندي اوهانکي درد دِل مان،
اُٿي اڄ پيا.
ڏِسي پاڻ اڪيلو.

دِل جي پٽ تان يادن جا ٿوهر،
ڦُٽي اڄ پيا.
ڏِسي پاڻ اڪيلو.

روئي ’مور‘ تولءِ نيڻ اسان جا،
سُڪي اڄ پيا.
ڏِسي پاڻ اڪيلو.

§

ڏار ڪوئي ٿي ويو
ساهہ جڙ نِڪري ويو.

رات ڪاري، تنهائي ۽ مان،
لُڙڪ هوا ڪ مان ڪِريو.
ساهہ جڙ نِڪري ويو.

روئي روئي پرھہ ٿي پَڌري،
نئون وري ڪو درد اُڀريو.
ساهہ جڙ نِڪري ويو.

رات هُن جي شادي هئي،
ويهي ڪنهن پَر ۾ چيو.
ساهہ جڙ نِڪري ويو.

§


پيار جي پنڌ ۾
شاعري
مور ساگر
ڪير ھُن کي ڇني
رات ڪاري ھئي
پيار جي پنڌ ۾
زُڳي واري ھئي
انڌ ئي انڌ آ
ھر ڪس ھي گھٽي
ڌُنڌ ئي ڌُنڌ آ
ڪير سو ھن کي ھئي
ناھي سمجھي سگھيو
پيار کي ڪو ھئي
ڪين سمجھي سگھي